550

# تحفهٔ لواري شريف

حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره
جن جي ٢٠٦ ساله عرس شريف جي تقريبات
۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس جي ڪارگذاري

[ ٤- ذوالقعد ١٣٩٤ھ ١٩ نومبر ١٩٧٤ع ]

ذخيره

مرتب :

غلام محمد گراسي

ناشر :

انتظاميه جماعت لواري شريف

سنڌ

Marfat.com

# تحفۂ لواری شریف



Marfat.com

# تحفهٔ لواري شريف

حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره

جن جي ۲۰۶ سالہ عرس شريف جي تقريبات

۽ سنڌي ادبي ڪانفرنس جي ڪارگذاري

[ ۴- ذوالقعد ۱۳۹۴ھ ۔ ۱۹ نومبر ۱۹۷۴ع ]


مرتب :

غلام محمد گرامي



ناشر :

انتظاميہ جماعت لواري شريف

سنڌ



Marfat.com

دفعو پهريون]                [تعداد هڪ هزار

(نويمبر - ١٩٧٥ع)

53179

[مرتب جا حق ۽ واسطا قائم]

**ملڻ جو هنڌ:**

آخوند محمد صالح

لواري شريف، ضلعو بدين، سنڌ.

قيمت ١٠-٠٠ رپيا

هيءُ ڪتاب پاپولر پريس، گاڏي کاتي، حيدرآباد سنڌ
۾ ڇپيو ۽ آخوند محمد صالح، نائب صدر، جماعت لواري شري
ڇپائي، لواري شريف مان پڌرو ڪيو.

Marfat.com

550

ڇڏيو جن پنيور، ڇپر تن کي ڇاڙڪي،
هم غم لٽن هور، وڃي ڪيچ قراريون.

— سلطان الاولياء

Marfat.com

جوڳي پنهنجيءَ جوءِ ويا، جهڙ جيئن نيڻ جهمن
سخن ساميڙن جا، هينئڙي سنجهه هرن
سچو سوت سگن، اڏ ڪتا آرام لئه

— شيخ عبدالرحيم گرهوڙوي

Marfat.com



سلطان الاولياء حضرت خواجه محمد زمان قدس سره جن جو
روضو مبارڪ

Marfat.com

Marfat.com



سلطان الاولياء حضرت خواجہ صاحب جن جي روضي مبارڪ
جو اندريون روح پرور منظر.

Marfat.com

Marfat.com



حضرت قبلہ پیر گل حسن صاحب صدیقي مدظلہ العالي
موجودہ سجادہ نشین درگاہ فلک پائگاہ لواري شریف۔

Marfat.com

Marfat.com



الحاج مير خدابخش خان ٽالپر مرحوم، سابق ايم- پي- اي
سابق صدر جماعت لواري شريف.

Marfat.com

Marfat.com



ميان فيض محمد دمائي
صدر جماعت لواري شريف

Marfat.com

Marfat.com



آخوند محمد صالح
نائب صدر جماعت لواري شريف .

Marfat.com

Marfat.com



غلام محمد دادا
جنرل سیکریٹري جماعت لواري شریف ۔

Marfat.com

Marfat.com



عبداللہ دادا
پریس سیکریٹری جماعت لواری شریف

Marfat.com

Marfat.com

# مهاڳ

سنڌ جي علمدوست حلقن ۽ درگاه فلڪ پائگاه حضرت سلطان الاولياءِ خواجه محمد زمان قدس سره جن جي مريدن جي خدمت ۾ "تحفه لواري شريف" جي پيش ڪندي، جا روحاني تسڪين محسوس ٿئي ٿي، اها بيان ڪري نٿي سگهجي.

گذريل سال، ٢٠٦ سالہ عرس شريف جي موقعي تي لواري شريف ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس جو انعقاد ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جي برک عالمن، شاعرن، اديبن ۽ معتقدن شرڪت فرمائي ۽ وزير اوقاف سنڌ فضيلت مآب عبدالله خان بلوچ پڻ عرس شريف جي تقريبات جو افتتاح ڪري اسان کي شڪر گذاري جو موقعو ڏنو ۽ گرامي صاحب ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعره جي صدارت ڪري اسان کي مشڪور ڪيو.

ڪانفرنس ۾ جي مقالا ۽ شعر پيش ڪيا ويا، اهي ولوله انگيز ۽ روح پرور هئا؛ ان ڪري دوستن ۽ احبابن جي صلاح ۽ مشوري تي، ان ڪار گذاريءَ کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جيڪو "تحفه لواري شريف" جي صورت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.

آءٌ محترم مولانا گرامي صاحب جو نهايت شڪر گذار آهيان، جنهن جي نگرانيءَ ۾ هيءُ سارو مواد ترتيب ڏنو ويو. ان جي اشاعت جي سلسلي ۾ محترم ناشاد جو ٿورائتو آهيان، جنهن مواد جي صحت، پروف بينيءَ ۽ ڇپائيءَ جو نازڪ ۽ اهم ڪم نهايت محبت ۽ عرقريزيءَ سان پايه تڪميل تي پهچايو آهي.

اميد آهي ته حضرت سلطان الاولياءِ جن جي سوانح حيات ۽ فلسفه تصوف متعلق، نهايت مستند ۽ معياري ڪتاب شايع ڪيا ويندا، جن جو هن دور ۾ شايع ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

آخوند محمد صالح

Marfat.com

# فهرست


١ - حضرت سلطان الاولياءَ جو ظهور ولايت ۽ سنڌ — غلام محمد گرامي
٢ - گلشن الاولياءَ ۾ حضرت سلطان الاولياءَ متعلق روايتون — مولانا قاسمي
٣ - شيخ عبدالرحيم گرهوڙي — ڊاڪٽر گربخشاڻي
٤ - قاضي احمد دمائي — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
٥ - حاجي محمد صالح کڙائي
٦ - خواجہ ابوطالب اگهمي
٧ - شيخ سنڌا توره


## ڪارگذاري


١ - مٺڙيا مٺي مچ — ناشاد
٢ - مرحبائي تقرير — آخوند محمد صالح
٣ - افتتاحي تقرير — جناب عبدالله بلوچ
٤ - تقرير — مير خدابخش خان ٽالپر
٥ - ادبي ڪانفرنس جي صدارتي تقرير — مولانا غ. م. گرامي


### مشاعرو

(غ.م. گرامي، نياز همايوني، شمشيرالحيدري، تاجل بيوس، ناشاد، منظور نقوي، نقاش، قاضي خيرمحمد، الهه جڙيو عاجز، امان الله فقير، ميرمحمد پيرزادو، محمد هاشم خادم، الله بخش اداسي، مولوي عبدالڪريم عبد، شاهنواز شائق ۽ فياض ڪاوش)

### مقالا

(سيد نجف علي شاه ڪمتر نقوي، عبدالڪريم ٽالپر، الهجڙيو عاجز، محمد صديق مرهم، شيخ محمد سومار ۽ محمد هاشم خادم ٽالپر.)

Marfat.com

# سلطان الاولياء

حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره جن ٢٢- رمضان سال ١١٢٥ هه (١٧١٣ع) ۾ پيدا ٿياه سندن ذات والاصفات جو سلسلو خليفه اول حضرت ابوبکر صديق رضه سان هن طرح ملي ٿو: حضرت خواجه محمدزمان بن شيخ حاجي عبداللطيف بن شيخ طيب بن شيخ ابراهيم بن شيخ عبدالواحد بن شيخ عبداللطيف کلان بن شيخ احمد بن شيخ بقا بن شيخ محمد بن شيخ فقرالله بن شيخ عابد بن شيخ عبدالله بن شيخ طاوس بن شيخ علي بن شيخ مصطفي بن شيخ مالک بن محمد بن ابي الحسن بن محمد بن طيار بن عبدالباري بن عزيز بن فضل بن اسحاق بن ابراهيم ابي بکر بن قائم بن عتيق بن محمد بن عبدالرحمان بن حضرت ابوبکر صديق رضه.

لواري شريف جي بزرگن جي اسلاف مان شيخ محمد بن مالک نالي بزرگ (شجره ۾ بيان ٿيل سورهون بزرگ) شيخ محمد يماني سهروردي ءَ جو مکي ۾ مريد ٿيو ۽ خلافت حاصل ڪيائين. ان کري بزرگان لواري ءَ ۾ سهروردي سلسلو شروع ٿيو. اهو سلسلو پشت به پشت هلندو آيو، تان جو سلطان الاولياء قدس سره جن جي والد شيخ عبداللطيف تي اچي توڙ ڪيائين، جنهن شيخ فيض الله بن مخدوم آدم نقشبندي ءَ جي بيعت ڪئي. ان طرح نقشبندي طريقو شروع ٿيو.

حضرت آدم ٺٽوي پهريون بزرگ هو، جنهن کي سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جي اشاعت جو باني چئجي ٿو. حضرت آدم ٺٽوي رح، حضرت عروة الوثقي محمد معصوم (١٠٠٧-١٠٨٩ هه) رح کان

Marfat.com

فيض حاصل ڪيو ۽ سندن ئي ارشادات ۽ اجازت سان ٺٽي ۾ خانقاه قائم ڪيائون. ان دور جا مشهور بزرگ حضرت شيخ ابوالقاسم نقشبندي ۽ مخدوم محمد ابراهيم نقشبندي (لاهري وارا) سندن خليفا آهن. سندن فرزند شيخ فيض الله وٽ شيخ حاجي عبداللطيف نقشبندي طريقي ۾ بيعت فرمائي.

حضرت سلطان الاولياء والد ماجد جي تربيت کان پوءِ، ظاهري علوم جي تڪميل، شاه لطيف رح جي فاضل مريد حضرت مخدوم محمد صادق نقشبنديءَ وٽ ڪئي ۽ طريقت جي تحصيل ابوالمساڪين حضرت شيخ محمد نقشبندي وٽ ڪيائون. حضرت ابوالمساڪين شيخ محمد رح جي ظاهري ۽ باطني تربيت، مخدوم آدم ٺٽويءَ جي وڏي خليفي شيخ ابوالقاسم نقشبنديءَ وٽ ٿي ۽ سندن وفات کان پوءِ خواجه محمدزڪي الله بن خواجه محمد حنيف بن خواجه عبدالاحد بن خازن الرحمه خواجه محمدسعيد بن امام رباني مجدد الف ثانيءَ کان فيضياب ٿيا. ان سلسلي ۾ حضرت شيخ ابوالمساڪين شيخ محمد نقشبندي، سرهند شريف ۾ ٻه سال ڪن سڪونت پذير رهيا.

حضرت سلطان الاولياء جن ٦٣ سالن جي عمر ۾ ٤ ذوالقعد ١١٨٨ هه ۾ وفات فرمائي. سندن درگاه فلڪ پائگاه لواري شريف ۾ مرجع خاص و عام آهي.

❋❋

Marfat.com

غلام محمد گرامي

# حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره جو ظهور ولايت ۾ سنڌ

منڊ تـي منڊل وڄڻا، ڪئي اوهيڙن اوڪ،
ڇاڇر تـي ڇنن ۾، مينهون چرن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پويو پائن طوق،
ميها، ڇيڙ، ڦنگيون، جت ساوا ٿين ٿوڪ،
لـٿا، مٿان لـوڪ، ڏولائـي جـا ڏينهڙا.

(ـ لطيف)

ڌرتي جڏهن سُڪي ٺوٺ ٿي ويندي آهي. آبادين جي بجاءِ چوڏاري پٽڙيانگ لڳي ويندي آهي. ڪيتن ۽ ساون هنڌن تي جڏهن سرءُ جي ڇپين سان باه پئي ٻرندي آهي. ٻنيون ۽ ٻارا بر بيابان ٿي ويندا آهن. ڦلواڙين ۾ وڻن جا گونچ ۽ پن سڙي، سوونجهي ۽ ڇٽي پٽ تي وڃي ڪرندا آهن. جتي ڇيهن ۽ ڇتن جون چونگارون هونديون آهن، اتي ڪانون جا ڪانگيرا لڳي ويندا آهن. جتي ڪچهرين سان بندر ۽ بازاريون پيون ٻهڪنديون هيون، اتي ماڻهو آدم بوءِ لئي پيو سڪندو آهي. ڏنڍون ۽ ڍورا، تڙ ۽ ترايون، واه ۽ هرلا، واهيون ۽ کوهيون، پاڻيءَ جي بوند لاءِ پيون سڪنديون آهن. ڌرتيءَ تي ڄڻ ڪو راڪاس گهمي ويندو آهي. پڪي پڪڙ اڳوندري آب لاءِ پيا واجهائيندا آهن. مالوندو ماڻهو، پاڻي ۽ آباديءَ جي سانگي، مال کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ۽ ٻئي هنڌان ٽئين هنڌ پيا گهليندا ۽ نيندا آهن. لوا ۽ لاڻا، ڪبڙ ۽ سرنهن، ٻير ۽ نمون، ٽالهيون ۽ پپر سڪي ٺوٺ ٿي ويندا آهن، منجهس نه ساوا

Marfat.com

پڻ رهندا آهن، ۽ نه ڪي ٿهڪندڙ ٺاريون. نه گونچ نه گل، نه سرهاڻ ۽ نه ڪو مٺن پکين جو مانداڻ! زندگيءَ جي ساري سونهن، سرءُ جي ڏکن سان جوءِ ڇڏي ڪيڏانهن گم ٿي ويندي آهي. ماڻهو ته ڇا ويچارا چوپايا گگدام بہ گاه پٽي ۽ پاڻيءَ لاءِ حيران ۽ پريشان رهندا آهن. مال سڪي ڪنڊا ٿي ويندو آهي. مالوندن وٽ نه کير نه مکڻ نه جهڻ نه مهي! ويچارا بصر جي ڳنڍ تي پيا گذران ڪندا آهن. لڪن ۽ جهولن سان ماڻهن جا ڦڦڙ پيا ڦرڪندا آهن. سو ڪوهي سج لڳي ويندي آهي، ٻهراڙيءَ ۾ وڃي ڪٿي نگاه ڪجي ته ڪوهن ۾ ٽتل رڻ ڪانڌ سواءِ، ٻي ڪاٻه دل لڀائيندڙ وٽ نه ملي سگهندي. ماڻهن جا منهن لٿل ۽ پيلا، مالوندن جا مال ڪوجها ۽ ڏبرا ٿي ويندا آهن. اصل قيامت ڪاري ٿي ويندي آهي. بندر ۽ بازارون ويران ٿي وينديون آهن. وڻج ۽ واپار لاءِ ماڻهن وٽ نه ڪو پروسو رهندو آهي ۽ نه ڪا ضرورت. وٽن نه ڪو عيد برات لاءِ چڱي ڪاج ڪيڻ لاءِ خوشي هوندي آهي ۽ نه ڪو جمعي چانڊاڻي ڪنهن ميلي ملاکڙي لاءِ وٽن امنگ رهندي آهي.

خبر اٿو اهڙي ڪوب ۽ ڪلور جي وقت تي ڇا ٿيندو آهي؟

قدرت، ڌرتيءَ جي ٽوٽ ۽ ويران حالت تي، ماڻهن ۽ مرن جي مونجهه ۽ ڏڪاري ڏيک تي، وري ڪرم جي نظر ڪندي آهي. پکي پکڻ، وڻ ۽ ٻوٽن جي اداسائيءَ ۽ نراسائيءَ کي قدرت ڪٿي ٿي گهڻو وقت سهي سگهي! قدرت طرفان آسمان ۽ ڪڪرن جي ڪاروٻار ٿيندي آهي. بادلن جي گجگوڙن ۽ ڪنوڻ جي ڪڙڪارن سان عجيب ۽ من موهيندڙ رنگ لڳي ويندا آهن. زندگيءَ جو نقشو ئي ڦري ويندو آهي. مالوندو ماڻهو، مرون، چوپايو مال، هاري ناري، ڪمي ۽ ڪاسبي، مزور ۽ دڪاندار – سڀني جون آسائتيون نگاهون آسمان ۾ هونديون آهن. خاموش نگاهن سان پيا آسمان جي رنگ کي نهاريندا آهن. نهاريندي نهاريندي آگم ۽ گهٽ پيدا ٿيندي آهي – ۽ ڪٿان تازو تنوارېندو آهي. تازي جي

ڪڪ. پر ۾ پيهر ساهه پئجي ويو. مثل ڌرتي جيئري ٿي پيئي!

اهو انسان جي زندگيءَ جو رڳو هڪ رخ آهي. ڌرتيءَ جي ٽوٽ ٿيڻ ۽ آباد ٿيڻ تي چا چا نه ٿي وڃي ٿو. سوڪ ۽ ساوڪ، آبادي ۽ غير آبادي، سونهن ۽ ڪوجهائپ، بڪ ۽ ڏؤ، تازگي ۽ افسردگي، گرمي ۽ سردي، ڏک ۽ سک، هوند ۽ اڻ هوند جا عجيب و غريب تماشا ۽ انوکا رنگ ظاهر ٿين ٿا.

ان طرح انساني زندگيءَ جو ٻيو رخ به آهي، جڏهن انساني زندگيءَ جي باطني ۽ روحاني، اخلاقي ۽ عملي ڌرتي سڪي ٽوٽ ٿي وڃي ٿي. اخلاق ۽ ايمان جا اويڙ ۽ سلا سڙي ناس ٿي وڃن ٿا. بدڪاريءَ جي گگهه اونداهي ڇانئجي وڃي ٿي. روح جي آباديءَ جو ڪو نشان نه ٿو رهي. نه وڏن جو ادب نه ننڍن تي حياء. نه ڏياڻين سياڻين جو مرم نه پيرن فقيرن جي مڃتا، نه وڏڙن جي خدمت ۽ نه ننڍن تي شفقت جا قدر ٿا بچن. منافقي ۽ عياري، بدڪاري ۽ بي ايماني عام جام ٿي وڃي ٿي. ماڻهو سچ کي ڇڏي ڪوڙ ڪمائڻ لڳن ٿا. چوريءَ ۽ سينه زوريءَ، خونريزيءَ ۽ فسادانگيزيءَ جو دور رهي ٿو. پورو دور گمراهيءَ ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو، نه الله ساءِ جي ياد نه رسول جي اطاعت. بي راه روي ۽ انتهاپسنديءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به باقي نه ٿو بچي. ملا ۽ مولوي چاپلوس ۽ رياءَ ۾ قاتل، وڏيرا ۽ زميندار ظالم ۽ بدڪردار، پير ۽ فقير مڪار ۽ عيار رهجي ٿا وڃن.

رزق ۾ برڪت نه ٿي رهي. ماڻهوءَ جي پاندي پوري نه ٿي ٿئي. لٽو آهي ته اٽو ناهي؛ اٽو ۽ لٽو آهي ته ڳنڍڻ لاءِ پيسو ناهي. چوڌاري قرض ۽ مرض جي وبا ڇانئيل ٿي رهي. هزارين انگ اگهاڙا ۽ پيٽ بکيا ماڻهو لٽي جي ڇاڙڪي ۽ هڪ گراهه لاءِ وتن ٻاڏائيندا. مطلب ته زندگي ۽ موت ۾ ڪو فرق نه ٿو رهي.

اهڙي زماني ۾ فطرت جي ڪريمي جوش ۾ اچي ٿي. برڪت جي ٻندارن جا دروازا کلن ٿا. فيض ۽ هدايت جا سرچشما اٿلن ٿا. محبت ۽ انسان دوستيءَ جا واهڙ وهڻ لڳن ٿا. دلين جي

Marfat.com

Marfat.com



روضي مبارڪ جي پير ۾ ڏکڻ طرف، قديم قبرستان جو منظر. سامهون قديم مسجد شريف
جو هڪ محراب نظر اچي رهيو آهي.

Marfat.com

بيدار مغز صاحبزادي ميان غلام شاه تي اتفاق ڪيو. ميان غلام شاه وقت جي اهل الله بزرگن جو معتقد هو ۽ سندس والده ماجده لطيف سائينءَ جي معتقد ۽ مريدياڻي هئي. بزرگن ۽ درويشن جي عقيدت ۽ دعا طلبيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو ميان محمدمراد کي رهڻي، ميان غلام شاه کي تخت‌نشين ڪيو ويو. ميان عطر خان به ميان غلام شاه جي مقابلي ۾ بغاوت ڪئي، پر ڪامياب نه ٿيو.

مورخن جي راءِ آهي ته ميان غلام شاه، مساوات، انصاف، رحمدليءَ ۽ سياسي قابليت سان نه فقط سنڌ جي عوام کي خوشحال بنايو، پر ان سان گڏ سنڌ جي سرحدن کي به وڌائي وسيع ڪري، ان سنڌ جو بنياد مستحڪم ڪيائين، جا شاه لطيف جي تمنا ۽ تصور واري سنڌ هئي.

ان سلسلي ۾ لس‌ٻيلا رياست، قلات رياست، ڪڇ ڀڄ رياست، جيسلمير جا والي ۽ ٻيا راجائون سندس ڏن ڀرو ٿيا. ٻئي طرف ميان غلام شاه سبزلڪوٽ تائين سنڌ جون سرحدون وڌايون. ميان غلام شاه وسيع سنڌ کي ٻن بنيادن تي مضبوط ڪيو.

(١) اهو پورو خطو سنڌ ۾ آندائين، جتي سندس بزرگ شاه لطيف رح پير گهمائي چڪو هو.

(٢) سنڌ جي وسعت جي حد اها بنايائين جتي سنڌي ٻولي ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي هئي.

سنڌ جي مشهور محقق مولانا وفائي ان متعلق فرمايو آهي:

"شاه صاحب سنڌ جي بچاءُ لاءِ پنهنجي شاعريءَ سان جنهن جو بنياد رکڻ گهريو ٿي، تنهن کي سندس هڪ معتقد حاڪم ڪماليت تي پهچائي دم ڪنيو. سنڌ ۾ ميان غلام شاه جو دور هڪ سونهري دور تي گذريو آهي. سنڌ ڏاڍي سائي ۽ ساجي هئي ۽ ڌارين جي غلاميءَ واري ڏوکي کان آجي هئي."

(شاه جي رسالي جو مطالعو ص ١٤)

ان سلسلي ۾ سلطان الاولياء سان ميان غلام شاه جي

Marfat.com

هئا، ان ڪري سندس ڪنهن ۾ به اک نه پڏندي هئي. سنڌ جي عالمن ۽ پيران طريقت کي زمينن، لوازمن، وظيفن، انعامن اڪرامن ۽ جاگيرن سان نوازي پاڻ کي مقبول بنائي چڪو هو، پر سلطان الاولياء متعلق سندس اها آرزو ۽ تمنا ڪڏهن به شرمنده تعبير نه ٿي. نه پاڻ سندس جاگيرون قبول ڪيائون ۽ نه ڪو سندس دربار جا سلامي ٿيا.

هڪ پيري ميان غلام شاه سندن خدمت ۾ درخواست موڪلي ته:

”قبلا سائين، اسين وقت جا بادشاه، ملڪ ۽ رعايا جي ڪاروبار ۾ ايترا ته قاتل آهيون، جو اهڙي فراغت نصيب ڪا نه ٿي ٿئي جو اچي اوهان جي دست بوسي ڪري سگهون ۽ اوهان کان دعا طلب ڪيون. ان صورت ۾ اگر قدم رنج فرمائي هيڪر اچي مون کي پنهنجي زيارت فيض بشارت کان مستفيد فرمايو ته تاحيات ممنون ڪرم ۽ احسانمند رهندس.“

حضرت سلطان الاولياء قدس سره ان درخواست جي جواب ۾ فرمايو:

”اسان فقيرن کي مسافريءَ جون دقتون ۽ مشڪلاتون برداشت ڪرڻ نهايت ڏکي ڳالهه نظر ٿي اچي. اسين هت پنهنجن فقيرانه ڪکن ۾ اوهان جي حق ۾ رب پاڪ جي درگاه ۾ دعا طلب آهيون. والسلام.“

ميان صاحب، ان جواب کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ حيرت جي درياءَ ۾ غرق ٿي ويو.

محققن لکيو آهي ته ڪجهه وقت کان پوءِ ميان غلام شاه دوباره حضرت سلطان الاولياء جي خدمت ۾ عريضو موڪليو ته:

”جي اوهان جي ذات بابرڪات جي زيارت نصيب نه ٿي ٿئي ته پوءِ استدعا آهي ته پنهنجو ڪو مصاحب ۽ درويش موڪليو، جيئن ان جي صحبت ڪري سگهجي.“

Marfat.com

"اسين فقير ماڻهو، اهڙن خفن مان چا ڄاڻون. اهڙا خفا مو
نہ ڪنداسون."

بهرحال، ديوان خانچند نااميد ٿي، واپس وريو ۽ ساري وا
اچي ميان صاحب کي پيش ڪيائين.

هنن تاريخي واقعن مان ثابت ٿو ٿئي تہ ميان غلام ش
جي حضرت خواجہ قدس سره ڏانهن ڪيڏي نہ مخلصانہ عقيد
هئي. ان نيازمندانہ عقيدت جي ڪري ۽ حضرت خواجہ قدس س
جي توجهات خصوصيءَ جي پالوت، سنڌ جي آزاد حڪومت ڪ
نہ فقط سرسبز ۽ آباد رکيو، پر آزاد بہ رکيو.

ان دور متعلق حضرت شاہ لطيف جو هيٺيون بيت تم
مشهور آهي:

سنڌ ٿي سنڌل وچئا، ڪئي اوهيڙن اوڪ،
ڄاڄر ٿي ڄڻن ۾، مينهون چرن سوڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پوريو پائن طوق،
ميها، ڇيڙ، ڦنگيون، جت سوا ٿين ٿوڪ،
لاهين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

سنڌ جي مشهور محقق مولانا وفائي لکيو آهي تہ:
"ميان غلام شاہ جي زماني ۾ اهو پهريون شعر هن ري
پڙهيو ويو ٿي- "لٿا مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا."

هي آهي سلطان الاولياء حضرت خواجہ محمد زمان قدس
جن جي برڪت ۽ سعادت واري دور جي سنڌ.

——

Marfat.com

مترجم: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

# ”گلشن الاولياء“ ۾ حضرت سلطان الاولياء متعلق روايتون

(نقل ١) نصرپور جي قاضي عبدالرحمان پنهنجي ڪنهن عزيز قاضيءَ کان روايت ڪئي، جيڪو مخدوم صاحب (خواجه لواري وارن) جو مريد هو ته حضرت مخدوم صاحب (خواجه محمد زمان) جن جو اهو دستور هوندو هو ته مريدن جي ڪاڌي لاءِ پئسن تي اناج خريد ڪري رکندا هئا ۽ اٽڪل روءِ ٽيهه چاليهه خرار آن هڪ ئي وقت خريد ڪندا هئا ۽ ساري رقم اناج واريءَ ڪونيءَ مان ڪڍي هڪ ئي وقت ادا ڪندا هئا، آن جي ڪنهن کي به سڌ ڪانه هوندي هئي. هڪ ڀيري قديم دستور موجب اناج خريد ڪرايو هئائون ۽ جڏهن آن جا مالڪ پئسن وٺڻ لاءِ حاضر ٿيا ته پاڻ ياندي ۾ ويا. قاضي به سندن پويان ويو. ڇا ڏسي ته آن جو فرش ڪکڙن جي ڇهنبن سان کرڙيل آهي ۽ آتي ته ڪجهه به نه هو. تڏهن عرض ڪيائين ته حضرت (خواجه صاحب!) هي ڪهڙو راز آهي، هتي ته ڪجهه به موجود نه آهي، اوهين ايڏي رقم ڪٿان آڻيندا آهيو؟ خواجه صاحب فرمايو ته اهو راز اڄ تو تي کوليان ٿو، پر توکي کپي ته ڪنهن سان به ظاهر نه ڪجان. پوءِ فرمايائون ته اسان کي حق سبحانه جي درگاهه مان فقيرن جي خرچ لاءِ روزانو هڪ لک رپيا مقرر آهي، اسان انهن لاءِ رڳو رب کي پسند ڪيو آهي، تڏهن ايتري مخلوق هر طرف کان ۽ هر طريقي جي مشائخن کان هتي اچي گڏ ٿي آهي.

Marfat.com

ڊاڪٽر گربخشاڻي

# شيخ عبدالرحيم گرهوڙوي

هيءُ صاحب اصل گرهوڙ جو وينل هو، جو ٿرپارڪر ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ آهي. ظاهري علم، فقه ۽ حديث ۾ بي نظير هو. شاعر پڻ هو، سنڌي ٻوليءَ ۾ ججهوئي ڪلام چيو اٿس. فقه ۽ تصوف تي ڪيترائي ڪتاب لکيا هئائين، جي مدد خان افغان جي ڪاهن وقت جا لڏ پلاڻ تي هئي، تنهن ۾ گم ٿي ويا. سندن ڪي تصنيفون اڃا موجود آهن، جهڙوڪ "فتح الفضل"، جنهن ۾ حضرت [خواجه سلطان الاولياء قدس سره] جن جا ملفوظات جمع ڪيل آهن. حضرت جن جي سنڌي بيتن جي عربي شرح ۽ "ادبيات مثنوي"، جنهن جو مضمون حضرت جن جي مداح آهي.

شيخ عبدالرحيم ننڍپڻ کان وٺي مناظري ۽ مباحثي جو ڪوڏيو هوندو هو، ۽ انهن ۾ پنهنجي سيني کي شه ڏيئي ويندو هو. هميشه اها آرزو هوندي هيس ته ڪافرن سان غزا ڪري شهيد ٿيان. اوائل ۾ حضرت جن جي توهين ڪندو هو، ۽ سندن مريدن تي خندا ڪندو هو. هڪ لڳا وات ويندي هڪ درويش ڏٺائين، جو حضرت جن جي زيارت لاءِ لواري سنبريل هو. درويش کي ٺٺولي ڪري چيائين ته "پنهنجي پير کان منهنجي پاران پڇج ته معراج خاص پيغمبر صلعم لاءِ هئي يا ٻين لاءِ به؟" درويش ڪانئس موڪلائي اٿي هليو. جڏهن لواريءَ پهتو، تڏهن حضرت جن جي صحبت ۾ اهڙو ته لاءِ ٿي ويو، جو شيخ عبدالرحيم جو نياپو ڏيڻ وسري ويس. آخر جڏهن موٽي وڃڻ جو سعيو ڪيائين، تڏهن حضرت جن کيس پاڻمرادو فرمايو ته "فلاڻي توکي اسان لاءِ ڪهڙو

Marfat.com

وسڪارو ڪيو، مگر عجب جو هن جي بدن مان ڦڙو رت جو ب
نڪتو. آخر زخمن وگهي دم ڏنائين. سندس لاش ڪٽائي اچ
گرهوڙ ۾ دفن ڪيائون. هيءُ حادثو سن ۱۱۹۲ هجري (۱۷۷۸ع
۾ ٿيو. ان وقت شيخ صاحب جي عمر چاليهه ورهيه هئي.
("لواريءَ جا لال" تان ورتل)

☼

"خلق جو عالم افضل آهي امر جي عالم کان، ڇاڪ
تہ ظهور ان مان ئي حاصل ٿئي ٿو."
— سلطان الاولياء

Marfat.com

Marfat.com



درگاه عاليه جي احاطي اندر دالان ۾ انهيءَ حصي جو منظر جتي حضرت سلطان الاولياء قدس سره
۽ شاه عبداللطيف ڀٽائي رح درميان ملاقات ٿي هئي.

Marfat.com

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# شيخ احمد بن محمد صديق السندي
## عرف
# قاضي احمد دمائي

تعلقي سڪرنڊ جو شهر "قاضي احمد" هن بزرگ جي نالي
پيان سڏجي ٿو، ڇاڪاڻ جو قاضي احمد صاحب هن ماڳ کي
وسايو ۽ اُتي ئي سندس مزار آهي. قاضي صاحب پنهنجي وقت جو
عالم ۽ عارف هو. خواجه محمد زمان رح (اول) لواري واري جو
مريد ۽ خليفو، ۽ نقشبندي طريقي جي مبلغن ۽ علمبردارن مان
هو. سنڌ توڙي هند ۾ ڪائنس گهڻا بزرگ فيضياب ٿيا، انهيءَ ڪري
هن برصغير ۾ نقشبندي طريقي جي تاريخ ۾ قاضي صاحب جو ڪردار
نمايان آهي. ۽ انهيءَ لحاظ سان ڪن مصنفن هن سلسلي جي بزرگن
بابت لکندي قاضي صاحب جي سوانح ۽ خدمت کي پڻ بيان ڪيو
آهي. (۱) جيئن ته سنڌ اندر طريقت ۽ تصوف جي تاريخ ۾ قاضي
صاحب جن جو تذڪرو پڻ اهميت رکي ٿو، انهيءَ ڪري اسان
هيٺ سندس سوانح جي ڪن خاص پهلوئن تي روشني وجهون
ٿا، جن بابت هن وقت تائين خاطرخواه معلومات ميسر ٿي نه سگهي
آهي. (۲)

قاضي صاحب جي خاندان جو نسب نامو سنڌ جي "ڪوريجن"
جي قبيلي سان ملي ٿو. سندن پهرين پري پيڙهي هن طرح آهي:
(۱) قاضي احمد بن (۲) محمد صديق بن (۳) عبدالسلام بن (۴)
حاجي بن (۵) محمد صالح بن (۶) صابر بن (۷) حاجي بن (۸)
احمد بن (۹) محمد بن (۱۰) سلطان بن (۱۱) علاوالدين بن (۱۲)
حاجي بن (۱۳) احمد بن (۱۴) شيخ المشائخ حضرت سنڌو.

Marfat.com

هر گهڻو وڌايو.

خواجہ محمد زمان رح جي خليفن مان مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، قاضي احمد صاحب ۽ سيد محمد لاهوري وقت جا عالم هئا، جن ۾ گرهوڙي صاحب کان پوءِ قاضي احمد صاحب علم ۽ فضل ۾ بين مڙني کان مٿيرو هو. قاضي صاحب کي خواجہ محمد زمان کان خلافت ملي ۽ پوءِ پاڻ پنهنجي حلقي جو پير طريقت ٿيو.(١١) سندس مريدن جو دائرو وسيع هو، پر هيٺيان چار بزرگ سندس وڏا خليفا هئا:

(١) سيد نور محمد شاهہ ڪُنڊائي، ڪاهي ڪُنڊا، تعلقي نوشهري فيروز جو.

(٢) مخدوم عبدالوالي دربيلي جو.

(٣) سيد حسين شاهہ، رتڙه چتڙه، ضلعي گورداسپور جو، جنهن هندستان ۾ فيض عام ڪيو، ايتريقدر جو سندس ٽي سئو مٿ خليفا ٿيا.

(٤) ميان عبدالڪريم ڪٺي، پينگهاري، تعلقي هالا جو.

انهن چئن وڏن خليفن کان سواءِ سندس ٻيا معتقد پڻ وڏي درجي وارا هئا. انهن ۾ ميان پير محمد ڏيپارجن جو ۽ قاضي صاحب جو پنهنجو فرزند ميان محمد صالح، وڏا اهل دل هئا. ميان پير محمد ڏي قاضي صاحب جن جي لکيل خطن جا نقل موجود آهن، جن ۾ کيس "فضائل و ڪمالات دستگاه، نورِ بصر، راحت روحي، ميان پير محمد جيو سلمہ ربہ" جي عبارت سان خطاب ڪيو اٿس، ۽ پڻ خط ۾ ڄاڻايو اٿس تہ "ميان پير محمد منهنجي فرزند ميان محمد صالح کان بہ مون کي وڌيڪ پيارو آهي."

قاضي صاحب سن ١٢٢٣هہ (١٨٠٨ع) ۾ وفات ڪئي ۽ 'موضع ميل' واري سڪونت گاهہ (موجوده شهر قاضي احمد) تي ئي مدفون ٿيو، جتي سندس مزار موجود آهي. قاضي صاحب جن جي حقيقي آثارن مان سڀ کان اهم سندن اولاد ۽ ٻيا اهل دل افراد آهن، جي اڄ تائين پاڻ کي سندس عقيدت ۽ ارادت سان وابستہ

Marfat.com

(۸) انهيءَ 'ميل واري ڊوريءَ' جو پيٽ اڄا تائين قاضي
احمد شهر جي ايرندين پاسي کان ظاهر بيٺو آهي.
(۹) ڪتاب "لواريءَ جا لال"، ص ۱۱۵
(۱۰) ڪتاب "لواريءَ جا لال" ۾ "شيخ حاجي محمد صالح
گهرائي" لکيل آهي. ٿي سگهي ٿو ته 'ڪڙائي' کي 'گهرائي'
ڪري لکيو ويو هجي.
(۱۱) خود سنڌس مرشدن (لواريءَ جي بزرگن) بابت محفوظ
روايات ۾ قاضي صاحب کي (طريقي جي 'شيخ' وارو
درجي جي لحاظ سان) "شيخ احمد قاضي" سڏيو ويو آهي (لواري
جا لال، ص ۱۱۵). ٻي روايت ۾ ڪيس "خواجه" جي لقب سان
"خواجه قاضي احمد" ڪري لکيو ويو آهي. (ايضاً ص ۱۳۹)
(بشڪريه ماهنامه "الرحيم"، حيدرآباد،
جولاءِ ۱۹۷۱ع، ص ۲۳).

"معراج جي رات، سواءِ انسانيت جي، ٻيو ڪو آخري پردو
ڪونه رهيو."

— سلطان الاولياء

Marfat.com

# حضرت حاجي محمد صالح

## قدس سره

حضرت خواجه بزرگ قدس سره جن جي اصحابن مان هن جهڙو صاحب ڪرامت ڪو ورلي ليندو. جرات وارو، داناءُ ۽ وڙائتو ماڻس هو.

هڪ عزيز نقل ڪيو آهي ته "هي درويش ڪجھ رفيقن سان گڏ لواري شريف پئي آيو ته وات تي هڪ شهر جي ٻاهران ڪجھه چوڪرن راند پئي ڪئي. انهن ٻارن ۾ مير غلام علي ٽالپور به موجود هو، جو پوءِ سنڌ جو حاڪم ٿيو. ٻارن مان مير غلام علي ڏي نهاري چيائين ته هن ٻار جي قسمت قوي ڏسڻ ۾ ٿي اچي، شايد ملڪ جو والي ٿئي. پر هن جي اعمال نامي ۾ ڪابه شيءِ نظر ڪانه ٿي اچي."

سندس وڏو پٽ شيخ سيف الدين رح چوندو هو ته "منهنجي والد صاحب رح ڪڏهن به لواري شريف ڏي پير ڏگها نه ڪيا. چا سفر ۾ ته چا گهر ۾. هڪ ڏينهن مون کين عرض ڪيو ته: "هن وقت ته ائين ڪرڻ سولو آهي، پر مرڻ بعد چا ڪندؤ؟" چيائين ته "انهيءَ وقت به ڪا تڪليف ڪانه ٿيندي. خدا تعاليٰ مون کي پناه ۾ رکندو. آءٌ انهن ماڻهن مان ڪونه آهيان. جڏهن موت ايندو، تڏهن زماني وارا ڏسندا ۽ تعجب ڪندا." بيشڪ جڏهن شيخ رح وفات ڪئي، تڏهن ماڻهن ڏٺو ته پاڻ مراقبي ۾ هئا.



Marfat.com

سندن گهر ۾ ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڪا شيءِ موجود ڪانهي. درياهه
تي مڇين جي شڪار لاءِ ويو هو، پر اجا تائين اتان ڪو به
شڪار هٿ نه آيو اٿس. ملائڪ دنيا جي سينگاري سندس آڏو
پيش ٿا ڪن ته هو انڪار ۾ منهن ٿو ڦيري. جي ان دنيا کي
ساڄي پاسي کان ٿا آڻين ته هو ڪابي ٿو نهاري. وري جي ڪابي
پاسي کان ٿا آڻين ته هو ساڄي پاسي ڪنڌ ٿو ڦيرائي."

شيخ صاحب جي مزار مقدس سعيد پور ضلعي حيدرآباد ۾
مرجع خلائق آهي.

*

"مراقبي جو نمونو ٻليءَ کان سکڻ گهرجي، جيئن ڪئي
جي ٻر تي جوءِ ماري ويهندي آهي."

— سلطان الاولياء

Marfat.com

# حضرت شيخ سڌا توره

## قدس سره

شيخ سڌاتوره رحمت‌الله عليه، حضرت خواجه بزرگ قدس سره جن جي خاص مصاحبن مان هو. تيرهن سالن جي عمر ۾ حضرت جن وٽ فيض جي طلب لاءِ آيو هو. شيخ عيسيٰ دشتي رح چوندو هو ته سڌاتوره رح بادشاهه آهي. هن جا گناهه به الله تعاليٰ وٽ ثواب آهن. حضرت خواجه بزرگ قدس سره جن جي وصال کان پوءِ حضرت شيخ رح ڏاڍو پريشان رهڻ لڳو ۽ انهيءَ پريشانيءَ جي عالم ۾ بيخبر ٿي سفر تي نڪتو. سفر ۾ حضرت خواجه صفي‌الله رح (١) کي ڏٺائون، جنهن کيس سڃاتو ۽ سڏي چيائين ته "جيڪڏهن مون سان ٿورڙي صحبت ڪرين ته توکي طالبن جي ارشاد ڏيڻ جو اجازت نامون ڏيان." مگر شيخ رح جي دل پسند نه ڪيو ۽ سفر جاري رکيائين. انهيءَ سفر دوران

(١) خواجه صفي‌الله رح ڪابل افغانستان جو رهاڪو هو. کيس خواجه صفي‌الله ڪابلي پڻ چوندا هئا. مولوي هاشم جو پوٽو ابراهيم ٺٽوي سندس خليفو هو.

Marfat.com

شيخ صاحب حاجي فقيرالله علوي شڪارپوريءَ (١) وٽ پهتو، پر اتي به ڪيس آرام نه آيو.

پنهنجي سفر جو هڪ واقعو ٻڌائيندي چوندو هو ته "جيسلمير ۾ هڪ شخص ڏٺم، جنهن کي هندن جو لباس پيل هو ۽ واڍڪو ڪم پئي ڪيائين. مون کي ازخود سڄاڻي، سڏ ڪري پاڻ وٽ ويهاريائين. شام جو مون کي پنهنجيءَ جڳهه تي وٺي آيو. هندن وارو لباس بدلائي مسلمانن وارا ڪپڙا پاتائين. پوءِ اسان ٻنهي گڏجي نماز ادا ڪئي. آءٌ عشا جي نماز کان پوءِ سمهي پيس، مگر سڄاڳ هوس. ڏٺم ته ان شخص عشا کان پوءِ مراقبو ڪيو ۽ ان مراقبي ۾ صبح جي نماز تائين ويٺو رهيو. فجر جو آءٌ به اٿيس. اسان گڏجي فجر جي نماز پڙهي. هن وري اهي ڪپڙا بدلائي، اڳيون هندن وارو لباس پاتو. ڏينهن جو مون کانئس اجازت ورتي. مون کي خدا حافظ چئي، چيائين ته تنهنجي دل ۾ ٻه ڳالهيون آهن: هڪ ته تنهنجي دل ۾ اها ڳالهه آهي ته مون کي آرام ۽ قلبي سڪون ڪٿي ملندو؟ ٻي ڳالهه ته تنهنجو خيال آهي ته آءٌ

(١) شاهه فقيرالله علوي- سندس والد جو نالو عبدالرحمان هو. سندس ولادت يارهين صديءَ جي بلڪل اوائل ۾ افغانستان جي جلال آباد علائقي ۾ "روتاس" نالي ڳوٺ ۾ ٿي. ظاهري علم جي تڪميل افغانستان ۽ هندستان جي مختلف علائقن ۾ ڪيائين. سلسله عاليه نقشبندي ۾ سندس بيعت شيخ آدم بنوري رح جي مريد شيخ محمد سعيد رح جي خليفي شيخ محمد مسعود رح جي هٿ تي ٿيل هئي ۽ مختلف ملڪن جي سياحت کان پوءِ پاڻ ١١٥٠هه ۾ شڪارپور ۾ اچي رهڻ لڳو، جتي ٣- صفر ١١٩٥هه ۾ وفات ڪيائين. عربي، فارسي ۽ پشتوءَ ۾ شعر چوندو هو. تصوف ۾ "مڪتوبات علوي" سندس خاص تصنيف آهي. ان کان سواءِ ٻيا به سندس ١٧ ڪتاب لکيل آهن.

Marfat.com

بگندو هو. پاڻ چوندا هئا ته "شيخ گرهوڙي رح مون کي چيو هو ته منهنجو حال وري توتي ايندو. هن وقت اهو حال وارد آهي. مگر شيخ جوان هو ۽ آءٌ پيرسن آهيان، جنهن کري اهو بار کڻي نٿو سگهان. پر آخر ۾ پنهنجي مرشد ڪريم جي همت ۽ برکت سان انهيءَ حال مان نڪري آيو آهيان."

سندن وفات ١٢٤٦ هه مطابق ١٨٣٠ع ۾ ٿي. سندن مقبرو انهيءَ زمين (ٽنڊي جان محمد ضلع ترپارڪر کان ٣ ميل اتر طرف) تي آهي، جيڪا کين ڏيکاري ويئي هئي. پاڻ چوندا هئا ته "جنهن به شخص کي منهنجي پاڙي ۾ دفن ڪيو ويو، تنهن کي آءٌ جناب سرور عالم صلی الله عليه وسلم جن وٽ پهچائي ايندس ۽ پوءِ شفاعت ڪرڻ سندن ڪم آهي."

* * *

"ڪامل نڪي مري ٿو ۽ نڪي فنا ٿئي ٿو. [ يعني سندس قلب، چاڪاڻ ته سندس ظاهر پين وانگر ٿئي آهي.]
— سلطان الاوليا

"سنڌ جي تصوف هتي جي هندن کي به بدلائي ڇڏيو
لطيف ۽ سچل، شاه شهيد ۽ سلطان الاولياء جي هندو مريدن
اهڙا به مريد هئا، جي نماز ۽ روزي جا پابند، ذڪر ۽ فڪ
جا پابند، تلاوت قرآن ڪريم ۽ دلائل الخيرات جا پابند هئا، ج
کي وفات کان پوءِ قبرن ۾ پوريو ويو. ان انفراديت متعلق نام
جرمن مستشرق ڊاڪٽر انيمري شمل پڻ تعجب جو اظهار ڪ
ته ساري اسلامي دنيا ۾ اهو فقط "سنڌ" ۾ ئي دستور نظر آيو
غير مسلم مريد، سنڌ جي بزرگن ۽ مرشدن جي پيرانديءَ
پوريل آهن. ايران ۽ ٻين ملڪن ۾ ائين نه آهي."

غ - م - گ

Marfat.com

حضرت سلطان الاولياء
جن جي

٢٠٦ ساله عرس مبارڪ
جي

تقريب سعيد جي ڪارگذاري

Marfat.com

Marfat.com

"ناشاد" (آکين ڏٺو احوال)

# مڙيا مٽي مچ

## سلطان‌الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره جن جي ٢٠٦ سالم عرس مبارڪ جي تقريب سعيد ۽ ڀرپور سنڌي ادبي ڪانفرنس جي ڪارگذاري

سنڌ جي عظيم شاعر، عارف ۽ روحاني بزرگ سلطان‌الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره جن جي ٢٠٦ سالم عرس مبارڪ جي تقريب، دستور موجب، هن ڀيري پڻ ٤- ذوالقعد ١٣٩٤ هه مطابق ١٩- نومبر ١٩٧٤ع تي، لواري شريف ۾، نهايت عقيدت ۽ احترام سان منعقد ٿي. هن پروقار ۽ روح پرور تقريب جي هن دفعي اها خصوصيت رهي، جو ڀرپور دفعو، وڏي پيماني تي، "سنڌي ادبي ڪانفرنس" جو اهتمام ڪيو ويو هو، جنهن ۾ سنڌ جي برک ۽ نامور عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ دانشورن شرڪت ڪري، سنڌ ڙيءَ جي هن باڪمال شاعر ۽ عارف کي تقريرن ۽ شعرن وسيلي عقيدت جو خراج پيش ڪيو. در اصل سنڌي ادبي ڪانفرنس جي منعقد ڪرڻ جو محرڪ سنڌ جو نامور عالم ۽ فاضل جناب مولانا غلام محمد گرامي صاحب، ايڊيٽر "مهراڻ" رسالو، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد هو، جنهن صاحب حضرت سلطان‌الاولياء جن جي عظيم علمي ۽ روحاني قدر و منزلت جي اپٽار ڪرڻ لاءِ منتظمين کي آماده ڪيو ۽ آن سان گڏ پاڻ پنهنجن دوست اديبن ۽ شاعرن سان لواري شريف ۾ اچي هڪ ادبي روايت جو بنياد وڌو. جيئن ته جناب گرامي صاحب طرفان اها نيڪ صلاح ڏني ويئي، درگاه عاليه لواري شريف جو خادم خاص محترم آخوند محمد صالح صاحب،

Marfat.com

لواري شريف جو موجوده صدر)، محترم مير خدا بخش خان ٽالپر،
آخوند محمد صالح، حسين دادا، محترم ڏني بخش سومرو چيف
ائڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ ۽ ٻين مکيہ ۽ اهم شخصيتن سان گڏ وزير
صاحب اسٽيج تي تشريف فرما ٿيو. پنڊال ۾ هزارن جي تعداد
۾ مريد ۽ متعلقين موجود هئا، جيڪي ڪراچيءَ سميت سنڌ
جي مختلف حصن مان اچي سهڙيا هئا.

افتتاحي تقريب جي ڪاروائيءَ جي آغاز کان اڳ حضرت
سلطان الاولياء جا روح پرور سنڌي بيت ۽ آن جا منظوم اردو
ترجما مائيڪ تان پيش ڪيا پئي ويا، جن سان هن پروقار تقريب
۾ نهايت شگفتہ ۽ دلگداز ڪيفيت پئي پيدا ٿي. مسٽر نقاش،
ڪاروائيءَ جي آغاز جو اعلان ڪيو. ڪلام پاڪ جي تلاوت
سان تقريب شروع ٿي.

آن کان پوءِ جماعت طرفان، استقباليہ ڪميٽيءَ جي ڪنوينر
محترم آخوند محمد صالح، مهمان خصوصيءَ جي خدمت ۾ سپاسنامو
پيش ڪندي چيو:

"حضرات! هي درگاه فلڪ پائگاه برصغير ۾ حضرات لواري
شريف جي فيوضات باطنيہ جو مرڪز ۽ طريقہ عاليہ
نقشبنديہ مجدديہ جو منبع رهندي آئي آهي. لواري شريف
جي هن سلسلہ عاليہ جو پهريون بزرگ ۽ سرچشمہ اول
سلطان الاولياء حضرت خواجہ محمدالزمان قدس سره آهي.
سندن باطني ڪمالات ۽ روحاني فيوضات جي ڪثرت ۽
منفعت جي سلسلي ۾ سنڌ جون مستند ۽ معتبر تاريخون
شاهد آهن. تحفہ الڪرام ۾ سندن ذڪر مبارڪ ڏاڍي
عقيدت سان ڪيو ويو آهي ...."

آخوند صاحب، حضرت جن جي سيرت مبارڪ تي روشني
وجهندي ٻڌايو:

"حضرات! حضرت سلطان الاولياء جن جي خصوصي ڪمالات
۾ اتباع شريعت، زهد، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ کي سڀني

Marfat.com

محققن ۽ مورخن بيان ڪيو آهي. پاڻ علوم شرعيه ۽ معارف طريقه عاليه جا جامع هئا. سندن عظمت ۽ شهرت سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڏوراهن ڏيهن تائين پهتي. سندن مريدن ۽ معتقدن جو سلسلو سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڪڇ، ڀڄ، گجرات، مارواڙ، ڪاٺياواڙ، جيسلمير، جوڌپور، پنجاب، بلوچستان، عرب ۽ آفريڪا تائين وسيع هو. هزارها خوشنصيب ۽ صاحب دل عالمن ۽ صالحن سندن صحبت عاليه مان استفادو ڪيو، جن جا نالا تاريخن ۾ موجود آهن. سندن بزرگانه عظمت ۽ فيوضات جي پالوت ايترو ته وڌيڪ شهرت حاصل ڪئي جو سنڌ جي عظيم سدا حيات صوفي شاعر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه به لواري شريف ۾ اچي سائن ملاقات ڪئي....."

آخوند صاحب جي سپاسنامي کان پوءِ، درگاه عاليه جي خانداني مريد ۽ ٿرپارڪر جي نامور شخصيت الحاج مير خدا بخش خان ڏالپر (سابق ايم - پي - اي) مختصر تقرير ڪندي فرمايو:

"..... هيءَ درگاهه صدين کان وٺي رشد و هدايت جو سرچشمو رهندي آئي آهي ۽ هن درگاهه جو فيض سنڌ هند بلڪ عرب ۽ عجم تائين پهتل آهي. هزارها بلڪ لکها بندگانِ خدا هتان شريعت ۽ طريقت جو علم حاصل ڪري چڪا آهن. اوهان صاحبن کي هت صاف نظر ايندو ته هت ڪنهن به غير شرعي عمل جو وجود نه آهي. نماز، دعا ۽ تلاوت کان سواءِ ٻي ڪابه غير شرعي خرافات هت نظر نه ايندي، وغيره ...."

ان کان پوءِ مهمان خصوصي، محترم عبدالله بلوچ، وزير اوقاف حڪومت سنڌ وراڻيءَ جي تقرير ڪندي فرمايو:

"دوستو! مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي جو آءٌ اوهان دوستن ۽ سائين سان اچ هتي مليس ۽ هتان جي حالتن جو جائزو ورتم. ان طرح ٻيون به ڪيتريون ئي

Marfat.com

حقيقتون پڌيون اٿم، مون کي انهن سڀني ڳالهين متعلق
گهڻي خوشي حاصل ٿي آهي.

”.... اوهان کي معلوم آهي ته اسان جي ملڪ ۾
قاديانيت جو مسئلو نهايت پراڻو ۽ پيچيدو مسئلو هو،
جنهن کي نهايت دانشمنديءَ سان حل ڪيو ويو آهي.
عوام جي چونڊيل حڪومت ان مسئلي کي منصفانه
نموني سان هميشه لاءِ رفع دفع ڪري ڇڏيو آهي. اها
اسلام، پاڪستان ۽ عوام جي خدمت هئي، جا موجوده
عوامي حڪومت سرانجام ڏني آهي. عوام دشمن ۽ رجعت
پسند مخالف جماعتون اگر سمجهن ٿيون ته اهڙي نموني
سان، آهستي آهستي، ٻين فرقن کي پڻ اقليت ۾ آڻڻ جي
ناپاڪ سازش ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي ته اها انهن
جي عظيم غلطي آهي، اجائي خوشفهمي آهي، ڀُل آهي
۽ اجائي پروپيگنڊا آهي موجوده عوامي حڪومت ڪنهن
به اهڙي فتني يا سازش کي هرگز ڪامياب ٿيڻ نه
ڏيندي ۽ انهن جي حربن ۽ ناپاڪ ارادن کي مڪمل
طور ڪچلڻ لاءِ هروقت خبردار آهي. آءٌ اوهان کي يقين
ڏيارڻ چاهيان ٿو ته قائد عوام جي قيادت ۾، موجوده
عوامي حڪومت دوران، ملڪ ۽ قوم خلاف اهڙي هر
حرڪت کي دٻايو ويندو ۽ ان جو خاتمو آندو ويندو ....“

وزير موصوف جي حقيقت پسندانه تقرير سامعين کي گهڻو
متاثر ڪيو.

آخر ۾، آخوند محمد صالح صاحب، شڪريه ادائي طور
مختصر تقرير ڪئي ۽ افتتاحي تقريب پوري ٿي، جنهن کي ڪراچي
ٽيليويزن ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد طرفان آيل ٽيمن ڪَور ڪيو.

منجهند جي مانيءَ تي وزير موصوف کان علاوه سمورا
مهمان اديب، شاعر، صحافي، مريد، متعلقين ۽ عام مهمان
شامل هئا.

Marfat.com

سامعين ۾ هزارن جي تعداد ۾ درگاه جا مريد، متعلقين ۽ عام مائهو شامل هئا، جن نهايت ئي وقار ۽ سنجيدگيءَ سان ڪانفرنس کي پڌو ۽ ڪامياب بنايو.

تقريباً ۸ بجي مسٽر شمشيرالحيدري اسٽيج سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾، ڪانفرنس جي ڪارروائيءَ جي شروعات ڪئي. ڪانفرنس جي صدر محترم مولانا غلام محمد "گرامي" ۽ مهمان خصوصي مير خدا بخش خان ٽالپر ۽ ٻين شاعرن ۽ اديبن جي اسٽيج تي ويهڻ کان پوءِ تلاوت ڪلام پاڪ سان ابتدا ڪئي ويئي، جيڪا درگاه شريف جي پيش امام مولوي الله بخش ڪئي.

ڪانفرنس ۾ اول مشاعرو ٿيو، جنهن ۾ تقريباً ويهارو کن چونڊ مقامي ۽ ٻاهرين شاعرن حصو ورتو. ان طرح ڪيترائي مضمون پڻ پڙهيا ويا. اديبن ۽ شاعرن پنهنجي خراج عقيدت ۾ حضرت سلطان الاولياء جي سوانح ۽ سيرت، ڪلام ۽ پيغام کي ڀرپور نموني سان اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ سامعين انهن کي دل کولي داد ڏنو.

آخر ۾ ڪانفرنس جي صدر گرامي صاحب پنهنجي عالمانه ۽ فاضلانه صدارتي تقرير ۾ جيڪي نڪتا پيش ڪيا، تن کي ٻڌي سارو پنڊال همه تن گوش ٿي ويو. گرامي صاحب جي تقرير کي ايترو ته پسند ڪيو ويو، جو سندس سٽ سٽ تي، لفظ لفظ تي، داد ۽ تحسين جي ورڪا ٿيندي رهي. گرامي صاحب پنهنجي دستور موجب نه صرف سامعين کي فن خطابت سان لطف اندوز ڪيو، پر آن سان گڏ تصوف جي تشريح ۽ حضرت سلطان الاولياء جن جي سيرت ۽ ڪردار، پيغام ۽ ڪلام متعلق ڪيترن ئي نون ۽ اهم نڪتن کي بيان ڪري سامعين کي مستفيض ڪيو.

مشاعري جي محفل ۾ پڻ گرامي صاحب پنهنجي ڪلام سان سامعين کي خوب متاثر ڪيو. گرامي صاحب 'حقيقت محمديه' جي عنوان سان جيڪي ڪلاسيڪي انداز ۾ بيت پڙهيا، تن ۾ تصوف جي اهم نڪتن جي اپٽار هئي. سامعين طرفان گرامي صاحب

ان کانيءَ استقباليه ڪميٽيءَ جي ڪنوينر آخوند محمد صالح صاحب جي شڪريه ادائيءَ سان ڪانفرنس پوري ٿي.

اهڙي نموني سان ٢٠٦ سالم عرس شريف جون تقريبات سنڌي ادبي ڪانفرنس خير خوبيءَ سان اختتام پذير ٿيا.

*

"شرڪ ڏان سواءِ ايمان ڪو نورو ملندو."

— سلطان الاولياءَ

و اوهان صاحب پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي، تڪليف وٺي ، هن
ر دراز مقام تي تشريف فرما ٿي ، هن تقريب سعيد ۾ شرڪت
ڪري، اسان جي حوصله افزائي ڪئي آهي . ان سلسلي ۾ آءٌ
ند جي مشهور دانشور ۽ محقق جناب مولانا گرامي صاحب جو
ن بيحد مشڪور آهيان، جنهن جي پر خلوص تعاون ۽ محبت سان
بي ڪانفرنس جو اهتمام ڪيو ويو آهي. انشاالله اڳتي بہ هن
سم جون ادبي ڪانفرنسون منعقد ڪندا رهنداسون.— والسلام

نيازمند
آخوند محمد صالح
خادم درگاه عاليہ لواري شريف سنڌ

*

”خطرو (جيڪو انسان جي دل ۾ ايندو آهي) سو ايمان
جي خلاف ناهي، بلڪ ان جو ڪمال آهي.“
— سلطان الاولياء

Marfat.com

قائم ڪرڻ جو موقعو عطا ڪيو آهي، آن نعمت جي اهميت کي ڪڏهن به نظرانداز نه ڪجي. قائد عوام جي ولوله انگيز ۽ انقلابي قيادت کي دنيا تسليم ڪري چڪي آهي. اوهان پنهنجي محبوب ۽ هردلعزيز قائد جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي پاليسين ۽ خدمتن جو قدر ڪري، سندس هٿ مضبوط ڪريو. قائد عوام، عوام جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ عظيم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. اوهان تي پڻ فرض عائد ٿو ٿئي ته اوهان پنهنجي قائد جي مدد ڪريو، جيئن اسان جو ملڪ خوشحال ٿئي.

آخر ۾ آءٌ جماعت لواري شريف ۽ منتظمين جو نهايت شڪرگذار آهيان، جن مون کي حضرت خواجه سلطان الاولياء محمد زمان قدس سره جن جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪرڻ ۽ اوهان سان ملڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي. اجازت، خدا حافظ.

***

”فقير آهو آهي، جنهن ۾ فقيرن جي خاصيت هجي ۽ نه آهو جو سندن رسم تي هلي.“

— سلطان الاولياء

Marfat.com

# جناب مير خدا بخش خان ٽالپر جي ڪيل تقرير

جناب بلوچ صاحب وزير اوقاف حڪومت سنڌ، جناب مولانا گرامي صاحب ۽ سامعين حضرات!

السلام عليڪم:

سڀ کان اول آءٌ سيني صاحبن جو شڪرگذار آهيان، جو وهان تڪليف وٺي حضرت سلطان الاولياء جن جي هن تقريب سعيد تي اچي اسان جي حوصلا افزائي ڪئي آهي.

حضرات! هيءَ درگاهه صدين کان وٺي رشد و هدايت جو سرچشمو رهندي آئي آهي، ۽ هن درگاهه جو فيض سنڌ هند بلڪ عرب ۽ عجم تائين پهتل آهي. هزارها بلڪ لکها بندگان خدا هتان شريعت ۽ طريقت جو علم ۽ فيض حاصل ڪري چڪا آهن. اوهان صاحبن ڪي اهو صاف نظر ايندو ته هت ڪنهن به غير شرعي عمل جو وجود نه آهي. نماز، دعا ۽ تلاوت کان سواءِ ٻي ڪابه غير شرعي خرافات هت نظر نه ايندي. هتي جي سلسله طريقت ۾ راڳ ۽ سرود جي سخت منع آهي. ٻين ميلن، ملاکڙن، عرسن ۽ تقريبن ۾ اوهان ڪي حد کان وڌيڪ انتشار، راڳ ۽ سرود جون محفلون ۽ گوڙ شور نظر ايندو، پر آن جي برعڪس هتي صدين کان وٺي روحاني ۽ اخلاقي رهاڻ ۽ ذڪر فڪر کان سواءِ ٻي ڪابه چيز نه آهي. گهڻو وقت اڳ ڪن حلقن طرفان، ذاتي اختلاف جي بنياد تي، اعتراض ڪيا ويا هئا ۽ حد کان وڌيڪ غير قانوني ۽ غير اسلامي حرڪتون ڪيون ويون هيون. اسلام، جيڪو اخلاق، روحانيت ۽ وسيع النظريءَ جي تعليم ڏئي ٿو،

Marfat.com

Marfat.com



پراڻي لواري شريف ۾ حضرت سلطان الاولياء جن جي والد ماجد حضرت خواجه حاجي عبداللطيف رح عرف "ڏير ڏٺي بادشاه" جي آخري آرامگاه جو منظر.

Marfat.com

# سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ ڪيل صدارتي تقرير

از:-

مولانا غلام محمد گرامي

- نحمده و نصلي الله رسوله الڪريم — السلام عليڪم

معزز حضرات! مسرت جو مقام آهي جو اڄ سلطان الاولياء حضرت خواجه محمد زمان قدس سره جن جي مبارڪ فيوضات ۽ پاڪيزه حالات کان ڪافي مستفيض ٿيا آهيون. انشاءالله آئنده به استفادو ڪندا رهنداسون.

تصوف جي فلسفي ۾ ۽ تصوف جي تاريخ ۾ هزارين متقدمين صوفيائي ڪرام ۽ هزارها متاخرين بزرگان دين گذريا آهن، جن جي تصنيفات ۽ تعليمات کي وڏو مقام حاصل ٿي چڪو آهي. ان سلسلي ۾ سلطان الاولياء جي ذات والاصفات ۽ سندن ڪلام ۽ ملفوظات جو درجو بلند آهي. سندن ذات ۽ شخصيت، ڪلام ۽ ملفوظات، عمل ۽ ڪردار ۾ هڪ عجيب ۽ ندرت آميز ڪشش موجود آهي.

اوهان وڏا خوش نصيب آهيو، جو سلطان الاولياء جهڙي عظيم هستيءَ سان وابسته آهيو، جنهن جي عارفانه مسلڪ ۽ روحاني مشرب، ذڪر ۽ فڪر، تعليم ۽ حڪمت، بزرگي ۽ برڪت جو تعبير پوري انسان ذات لاءِ رهبر ۽ رهنما آهي. سندن پيغام انسان گير آهي، حقيقت گير آهي، ۽ همه گير آهي.

مون عاجز جيڪو پنهنجي معمولي ۽ ناقص خيال آهر ٿورو گهڻو مطالعو ڪيو آهي، ان موجب ظاهر ٿو ڪريان ته حضرت سلطان الاولياء جي ملفوظات ۽ ارشادات جي ڏسڻ کان پوءِ يا انهن جي باطني ۽ روحاني ڪمالات کان مستفيد ٿيڻ کان پوءِ، يا سندن

Marfat.com

مان عقل ۽ استدلال متعلق عرض ڪري رهو هوس، جيئن
رومي ۽ فرمايو آهي:

پائي استدلاليان چوبين بود،
پائي چوبين سخت بي تمڪين بود.

يعني عقل جا پير ڪاٺ جا ٿين ٿا ۽ ڪاٺ جي پيرن
سان ڪڏهن به پنڌ ڪري نه سگهبو. لهاذا ان جي مقابلي ۾
"وجدان" جي جا حيثيت آهي، سا معراج وانگر روح القدس جي
پرن تي اڏرڻ واري آهي. ان حقيقت کي اهل دل ۽ عارف سمجهي
۽ پروڙي سگهن ٿا.

حضرات: ان مختصر تمهيد کان پوءِ حضرت سلطان الاولياء
جي "انفرادي ڪمال" متعلق ڪجهه مختصر عرض ڪندس. اوهان
مان ڪي خبر آهي ته پاڻ نقشبندي ۽ مجددي هئا. سيرت نگار
عالمن به کين نقشبندي ۽ مجددي لکيو آهي. پر ان ڳالهه ۾
اهو فرق رهجي وڃي ٿو ته حضرت مجدد رح جي طريقي سان تعلق
رکڻ ۽ سندن سلسلي سان وابستگي ۽ جي هوندي، وڏي ۾ وڏو فرض
منصبي آهي "وحدت الشهود" سان وابسته رهڻ. (البته چند نقشبندي
مستثني سمجهڻ گهرجن) ۽ ان جي مقابلي ۾ اوائلي صوفين جو
عقيدو وحدت الوجود وارو آهي، ۽ سلطان الاولياء به نه فقط
وحدت الوجود جو قائل آهي، پر ان سان گڏ ان عقيدي جو ماهر
به آهي ۽ شارح به آهي. دوستو: مسلمان صوفين ۾ يا تصوف جي
فلسفي جي تاريخ ۾ "وحدت الوجود" جو نظريو ڪيئن ۽ ڪهڙي
زماني ۾ شروع ٿئي ٿو، ۽ ان جي ارتقا ڪيئن ٿي آهي، ۽ اڄ
ان جي حيثيت ڇا آهي، اهو هڪ وڏو ۽ بحث طلب موضوع آهي،
جنهن کي تفصيل سان بيان ڪرڻ جي هتي گنجائش نه ٿو سمجهان.
ان جو تفصيلي مطالعو انشاءالله منهنجي هڪ نئين تاليف سان ملندو،
جا زيره طبع آهي. حضرات! اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته حضرت
مجدد اهو پهريون بزرگ شخص آهي، جنهن "وحدت الوجود" تي
سخت تنقيد ڪئي، ۽ ان مان پيدا ٿيل ڪن غلط ڪار صوفين جي

Marfat.com

تشريح جي ڪري ظاهري اختلاف آهي. ورنه وحدت الوجود ئي حقيقت ثابته آهي، جنهن کي "وحدت الشهود" جي دلين سان رد ڪري نه ٿو سگهجي!

حضرات: حضرت سلطان الاولياء، حقيقت ۾ شاه ولي الله جي پيش ڪيل لفظي ۽ منطقي تعبير ۽ تشريح جي درستيءَ کي اجا به وڌيڪ صحت ۽ صداقت جي تڪميل تي پهچايو آهي. سندن گوهر بار ابيات ۽ انهن جي فقير عبدالرحيم گروهڙوي پاران ڪيل تشريح عادل شاهد آهن. سلطان الاولياء جو "وحدت الوجود" جي تائيد ڪرڻ ۽ مخدوم گروهڙوي جي پاران ان جي تشريح ۽ تائيد ڪرڻ سند آهي. سند به اهڙي جو ڪوبه سندن سامهون دم هڻي نه ٿو سگهي!

دوستو ۽ بزرگو: اهو اشارو جو ڪتابن ۾ اچي ٿو ته حضرت سلطان الاولياء جي والد ماجد حاجي عبداللطيف رح کي، هڪ نقشبندي مجددي بزرگ اها بشارت ڏيئي ڇڏي هئي ته توهان جو جيڪو فرزند پيدا ٿيندو، سو طريقه عاليه نقشبنديه جي "تجديد" به ڪندو ۽ "تڪميل" به ڪندو. ان موجب مان اُئين چوڻ ۾ حق بجانب آهيان ته "تجديد" به اهائي آهي، ۽ تڪميل به اهائي آهي، جو سلطان الاولياء "وحدت الشهود" تي "وحدت الوجود" کي ترجيح به ڏني ۽ وحدت الوجود کي ثابت به ڪيائون. چنانچ اهو هڪ وڏو ڪمال هو، پئي ڪنهن به نقشبنديءَ جي حالات ۾ نظر نه ٿو اچي. البته ڪي به ٻي مثال مان ٿا، جن کي مستثني قرار ڏيڻ گهرجي، جن کي تصوف جي ڪتابن ۾ ايتري شهرت به نصيب نه ٿي آهي.

حضرات: نقشبندي ٿيڻ جي معني ئي آهي وحدت الشهود جو لازمي طرح سان قائل رهڻ. ڪو نقشبندي هجي ۽ وحدت الشهود جو قائل نه هجي، اها ناممڪن ڳالهه آهي. يا اهو اهڙو اجتماع الضدين آهي، جنهن جي تطبيق ڪرڻ کان اسان قاصر آهيون. بهرحال حضرت سلطان الاولياء جو اهو انفرادي ڪمال آهي جو پاڻ

Marfat.com

يعني ڪائنات محض اضافي ۽ اعتباري آهي.

سلطان الاولياء، الاهيات جي هڪ مسئلي 'وجود' کي حل ڪندي، ان کي ڪافر ۽ مشرڪ قرار ڏنو آهي، جو ذات ۽ ان جي مظاهر جي بي‌ڪيف اتصال ۽ بي‌قياس ربط ۽ تعلق کي نه سمجهندي رڳو ذات کي عين، ۽ ان جي صفات کي غير ٿو تسليم ڪري. اهڙي دوئي پسند کي سلطان الاولياء موحد نه، پر مشرڪ ٿو سڏي، ڇا لاءِ ته مشرڪ اهو آهي جو 'ڪل ۽ جز'، 'اصل ۽ فرع'، 'وجود ۽ ظل'، 'واجب ۽ عدم'، ۽ 'آب ۽ حباب'، 'لهر ۽ بحر' 'هست ۽ نيست' جي لطيف فرق ۽ اتصال، هم آهنگي ۽ انفصال، اتحاد ۽ تضاد کي نه ٿو سمجهي سگهي.

دوستو: وحدت الوجود جو مسئلو نهايت باريڪ ۽ ناقابل فهم چيو ويو آهي. سولن ۽ سادن لفظن ۾ هن طرح چئي سگهجي ٿو ته حق تعاليٰ جي ذات اگر 'ڪل' آهي ته ڪائنات ۽ ان جا مظاهر 'جز' آهن. ذات 'اصل' آهي - ۽ مظاهر 'فرع' آهن. ذات اگر وجود آهي ته ڪائنات ۽ مظاهر ان جو 'ظل' آهن. ذات واجب آهي ته ڪائنات عدم آهي. ذات بحر آهي ته صفات لهر آهي. ذات هست آهي ته باقي غير نيست آهي. ان طرح ذات ۽ مظاهر ۾ فرق به آهي ته اتصال به آهي، هم آهنگي به آهي ته انفصال به آهي، اتحاد به آهي ته تضاد به آهي. ان متعلق ئي سلطان الاولياء فرمايو آهي.

نڪين اوڏو اڪ ڪـــي، نڪين نظران ڏور،
وڃان ان وهـــلور، جئن ڏنـــوئي اڻ ڏيٺ ۾.

'اڻ ڏيٺ' جو مفهوم آهي 'مظاهر ۽ صفات' جو جز هجڻ، فرع هجڻ، ظل هجڻ، عدم هجڻ ۽ نيست هجڻ! جنهن سان ڪل، اصل، وجود ۽ واجب جو بي‌ڪيف اتصال به آهي ۽ انفصال به آهي. هم آهنگي به آهي ۽ بيرنگي به آهي. اتحاد به آهي ته تضاد به آهي. 'عينيت' به آهي ته 'غيريت' به آهي.

اگر سلطان الاولياء جي ان هڪ بيت کي عميق نگاه سان مدنظر رکيو ويو ته پوءِ ڪو به ابهام نه رهندو ۽ وحدت الوجود

Marfat.com

Marfat.com



درگاه ذاڪ پائگاهہ جي احاطي اندر، اولهه طرف، واقع قديمي مسجد شريف جي مهڙ ۔

Marfat.com

ٿيون ناهن. معاف ڪجو! رڳو اسان کي پلاءَ ڪارائتا ناهن،
ساف ڪجو، اوهان لواريءَ وارن مريدن ۽ معتقدن کي وڏو ڪم
ڪرڻو آهي، صحيح علم ۽ عقيدي، عمل ۽ اخلاق سان ماڻهن کي
طيع ڪرڻو آهي.

بزرگو: اڄ جيڪي به سامعين موجود آهن، ۽ جيڪي به
سلطان‌الاولياء سان وابسته آهن، اهي عهد ڪن ته سنڌ جي هن
عظيم بزرگ جو پيغام ساري انسان ذات تائين پهچائڻو آهي ۽ سندن
پاڪيزه تعليمات تي عمل ڪري، مثالي انسان بنجڻو آهي- اهو هر
سنڌيءَ جو فرض آهي. مهرباني.

(ٽيپ رڪارڊ تان ورتل)

*

"سخا هڪ ٽاري آهي، جا سخيءَ کي جنت ۾ پهچائي ٿي، ۽
بخل هڪ ٽاري آهي جا بخيل کي دوزخ ۾ پهچائي ٿي.
— سلطان‌الاولياء

Marfat.com

# مشاعرو

Marfat.com

Marfat.com

# حقيقت محمديه

حقيقت حبيب جي، آبي، نه خاڪي،
لائق لولاڪي، آفاقي آفاق ڏئي.

**

حقيقت حبيب جي، جوهر جوت جمال،
نه ڪو مثل مثيل ڪو، جهڙس جيس محال،
نه ڪو ڏينهن نه رات هو، نه ڪو بدرو هلال،
نه ڪو انس نه آدمي، نه ڪو ملڪ مثال،
جهڪو ڪل ڪمال، مهندان محبوبن جي.

**

حقيقت حبيب جي، چوڏس وڌ چانڊاڻ،
سهئين پرئين سپرين، الاهي اهڃاڻ،
ڪنهن ڪي ناهي ڄاڻ، ته احد احمد هيڪ ٿيو.

**

حقيقت حبيب جي، معنوي ماڻداڻ،
"لولاڪ لما خلقت الافلاڪ"، آيو جنهن جي ڪاڻ،
"انا احمد بلاميمي"، پنهنجو آهي پاڻ،
هوڪو انا الحق جو، معرفت جو ماڻ،
ڪنهن ڪي ناهي ڄاڻ، ته احد احمد هيڪ ٿيو.

**

حقيقت حبيب جي، معنوي معروف،
هوالظاهر هو الباطن، ظاهر ۾ مظروف،
اشارو معطوف، ماڻهن سمجهو ڪين ڪي.

**

Marfat.com

حقيقت حبيب جي، ظاهر صفاتي،
باطن ۾ ذاتي، ماڻهن سمجهيو ڪين ڪي.

* *

حقيقت حبيب جي، معنوي معراج،
"لولاڪ لما خلقت الافلاڪ"، صاحب سر تي تاج،
ڪنهن کي ڪونهي ڪارڻي، ساريو ڪاريو ڪاج،
ڪنهن جي جوت جمال سان، ڏيهن ورتو ڏاج،
معرفت محبوب جي، مٿي آ سنهاج،
معني آ محتاج، لفظن پيٺي ناهه ڪا.

* *

حقيقت حبيب جي، نورٌ علیٰ نور،
"قل انما انا بشر مثلڪم"، اشارو مستور،
"..... ولاڪن الله رمي"، معني سان معمور،
ڪنهن جلايو طور، ريءَ حقيقت حبيب جي.

* *

حقيقت حبيب جي، آهي آفاقي،
"سنريهم في الافاق"، بچو چا باقي،
احمد اوطاقي، احد سان گڏ "ميم" ۾.

* *

حقيقت حبيب جي، آهي "ڪن فيڪون"،
آدم هو نه آب ۾، نه ڪو تون نه مون،
نه ڪو لحم لڳن تي، نه ڪي هڏ نه خون،
آگاهي اصلئون، احد احمد هيڪ ٿيا.

* *

حقيقت حبيب جي، نظاري نروار،
نه ڪو جسم نه اسم هو، نه ڪو نر ۽ نار،
چو ڏس ۽ چوڏار، هئي حقيقت حبيب جي.

* *

Marfat.com

حقيقت حبيب جي، جهڙو شمس شعاع،
تارا ڪتيون اپ ۾، ذرو ٿين نہ ضاع،
پيدا سرور چام مان، مڙئي مال متاع،
اضافي وداع، حيرت آندي حال ۾.

**

حقيقت حبيب جي، واحد جو وجود،
احد احمد پاڻ ۾، "ميم" ڪيو موجود،
عبد عابد هيڪ ٿيا، معنوي معبود،
جاڏي ٿيو سجود، تاڏي صاحب سامهون.

**

حقيقت حبيب جي، حامد ۽ محمود،
حمد حامد هيڪ ٿيا، عابد خود معبود،
سجدو ساجد هيڪ ٿيا، مالڪ سو مسجود،
محمد ئي موجود، ريءَ هاشمي ذاهم ڪي.

**

حقيقت حبيب جي، لايدرکه الابصار،
چشمن پسيو ڪين ڪي، مطلق مٺيادار،
معنوي وجود ٿيو، سراسر اسرار،
ڪيف يدرک في الدنيا حقيقة، ڪر پردي منجھ پچار،
هيءَ دنيا، دني، دار، احمد رهيو نہ پلڪ ڪو.

**

حقيقت حبيب جي، معني ۾ معني،
موجون اٿن سوج ۾، لهرون لک سوا،
رهيا دار دنيا ۾، پرين پاڇولا،
نہ مسڪن مدينا، نہ مکو ماڳ محبوب جو.

**

حقيقت حبيب جي، معني ۾ معني،
هو خاصو "نوري" خلق جو، ٻي مڙئي مخلوقا،

Marfat.com

موجون اٿن مهراڻ مان، سي آهن ڪين جدا،
مرڪز سڀني مخلوق جو، احمد ميم سوا،
پٺي ڪين لڪا، ته احد احمد هيڪ ٿيو.

❀❀

حقيقت حبيب جي، مطلق محسوسا،
بناحسن حبيب جي، سڀ ڪجهه پاڇولا،
اکئين پسڻ ڪينڪي، قلبن ان جي جا،
مرسل مرسلا، مطلق آهي ملڪ ۾.

❀❀

حقيقت حبيب جي، مورعون مطلقا،
”ينظرون اليک وهم لايبصرون“، هوت نه ڪنهن ڏٺا،
پرين پاڇولا، پڌرا ها پرديس ۾.

❀❀

حقيقت حبيب جي، همه حيراني،
۾ ڇنو هو مخلوق هو، هو سر سبحاني،
هو جامع ليل-نهار جو، نه ڪو عبد عبراني،
هو عبديت کان اڳ هو، ذاتي، زماني،
هو نسنگ نوراني، احد احمد هيڪ ها.

❀❀

حقيقت حبيب جي، قائم ۽ دائم،
ماڻهن ليکي آدمي، نمازي، صائم،
”....يرزق من يشاء بغير حساب، هو عالم لئه قاسم،
اول نورٌ نور هو، آخر ۾ خاتم،
سهڻو سو سالم، احد سان احمد هو.

❀❀

حقيقت حبيب جي، آگي جو احسان،
ڪافر مسلم لاءِ ٿيءَ اوتيو آن عرفان،
”ماينطق عن الهويٰ، ان هوالاوحي ۽ يوحيٰ، اتو منجهه قرآن،

Marfat.com

جيڪي خاوند آکيو، سو فائق جو فرمان،
نہ ڪو جسم نہ جان، احد احمد هيڪ ٿيا.

**

حقيقت حبيب جي، نہ ڪنهن ڀئي سڃاتي،
رمز "نفخت روح" جي، ڪنهن پر، نہ ڇاتي،
وجهہ جي ۽ اندر جهاتي، ڪر مشاهدو محبوب جو.

**

حقيقت حبيب جي، ناهي زماني،
نہ ڪين مسافر سون پرين، نہ مڪين- مڪاني،
خلقت ان جي خاص ٿي، نرمل- نوراني،
صاحب حوت جمال جو، صادق 'سن راني'،
صاحب سير سڀن ۾، ڪيو رمزي روحاني،
لاشڪ لاثاني، ازل ڪان اڳي هو.

**

حقيقت حبيب جي، ازلئون آهہ قديم،
اڃا آدم هو اڳي، ڳاري منجهہ مقيم،
"وقت" جي وقفي ڪنان، مهندان مستقيم،
"انا احمد بلا ميمي"، فرمايو فهيم،
نہ ڪو جان جسيم، احمد آيو احد سان.

**

حقيقت حبيب جي، سڙني سوچاري،
صاحب وٽ مقبول هئي، ڪوجهي ۽ ڪاري،
جانب جلويدار مان، خلق جڙي ساري،
سلسلو سڀاڳ جو، ٿيو سرور ڪان جاري،
"نوري ۽ ناري"، ڀئي مرحلا محبوب جا.

**

حقيقت حبيب جي، ڪامل ڪلنگيدار،
ازل ڪان بہ اڳي هئي، مرسلن- مهندار،

Marfat.com

نہ ڪو شمس شعاع هو، نہ آدم-استقرار،
هو قرب منجهہ قرار، احد احمد هيڪ ٿيا.

* *

حقيقت حبيب جي، نہ ڪو جسم نہ جان،
"لولاڪ لما خلقت الافلاڪ" فائق جو فرمان،
جڙيو ڪل جهان، مهابي محبوب جي.

* *

حقيقت حبيب جي، هردم حياتي،
آڏو عدم ڪين ڪي، مور نہ مماتي،
"ڪل شئيءِ هالڪ الاوجهہ" اثر اثباتي،
وجهي ڏس جهاتي، تہ احد احمد هيڪ ها.

* *

حقيقت حبيب جي، لهرن لڪ لباس،
ماڻهن ليکي آدمي، پر مٿين ۾ الماس،
ميوي جيئن مثال هو، پر مهندان هون مغاس،
هيري جيئن حبيب جي، مٿي اصل اساس،
عاجز ٿيو احساس، احد احمد هيڪ ها.

* *

حقيقت حبيب جي، ملڪن ۾ مشهور،
ها "آمنہ ۽ عبدالله"، مبهم ۽ مستور،
"لم يلد ولم يولد"، پڙهہ قرآني منشور،
نور نہ جاپي خاڪ مان، ڪٿ فطرت جو دستور؟
نورٌ علي نور، احد أحمد هيڪ ها.

* *

حقيقت حبيب جي، "ما اعظمُ شاني"،
"اذالشمس ڪورت"، تارن تاباني،
"نورٌ و ڪتابٌ مبين"، فڪر فرقاني،
لاشڪ لاثاني، نورٌ علي نور هو.

Marfat.com

حقيقت حبيب جي، مالڪ موجودات،
مظهر اول ذات جو، باريءَ جي برڪات،
"خلق الاول"، ..... سو ٿيو، ته منجهان مخلوقات،
لکين، ڪروڙين، پدمين، ٿيون ظاهر تجليات،
هيءَ حقيقت هيهات، ماڻهن جاتي ڪين ڪي.

❀❀

حقيقت حبيب جي، مبرهن آيات،
نه جن ۾ ريب فريب ڪو، ٿيون عيني علامات،
رئوف، رحيم، ڪريم- ٿيون ذاته ڪل صفات،
هيءَ حقيقت هيهات، ماڻهن سمجهي ڪينڪي.

❀❀

حقيقت حبيب جي، بقائي باقي،
الباقيات الصالحات ۾ سرور اوطاقي،
حڪمت رواقي، سمجهي ڪين سڄڻ ڪي.

❀❀

حقيقت حبيب جي، مورثون ڪين مٽاءِ،
خلق آلام علي صورته، آ آدم، احمداءِ،
آدم ولد احمد جو، هنئين ماڻ هنداءِ،
ولايت والد جي، لوڪان ڪين لڪاءِ،
صورت، معني وچ ۾، سنڌو، سيڙهو ناءِ،
احمد- صورت احد جي، ميان ڪين منجهاءِ،
"لم يلد ولم يولد" صاحب، سر سمجهاءِ،
ته حيرت جي آ جاءِ، "احد"، "احمد" هيڪ ٿيا.

❀❀

حقيقت حبيب جي، لکين لباسا،
آدم، نوح ۽ شيث ٿيا، ان جو اولادا،
يحيٰ، عيسيٰ، معنوي، احمدي پاڇاءَ،
مبني رسولن سنڌي، آ احمد مدعا،

Marfat.com

آيو آخر مرسلين، پر آهي ابتدا،
آ ۽ هيءَ انتها، تہ احد احمد هيڪ هو.

❋❋

حقيقت حبيب جي، وحدت جي وائي،
احد احمد هيڪ ٿيو، ڪانهين ٻيائي،
لاشريڪ لہ، لا مثل لہ- ڪا سمجهہ سچائي،
ٻي چيز نہ ڪائي، رڳو حقيقت حبيب جي.

❋❋

حقيقت حبيب جي، ٿَر، ٿاڻا ٿَڪ، ٿاڪ،
'.... يمشي في الاسواق' ، ڪان عاجز آ اوراڪ
'لولاڪ لماخلقت الافلاڪ' ، محبوبي مصداق،
بشري ٿيس پوشاڪ، نہ تہ احد، احمد هيڪ ٿيو

❋❋

حقيقت حبيب جي، نہ مڪي، حجازي،
هيءَ مام مجازي، احد، احمد وچ ۾.

❋❋

حقيقت حبيب جي، "گرامي"، مخفي،
جلي خواه خفي، هو مرڪز موجودات جو

❋❋

"جنهن کي محبت نہ آهي، تنهن کي ايمان ناهي، ۽ جنهن کي طاعت ناهي، تنهن کي ذڪر نہ آهي." — سلطان الاولياء

Marfat.com

"نياز" همايوني
(حيدرآباد)

# ڳالهيون يار "نياز" جون

عشق اسان جو صدا ازل جي، اسان بهار جي باک جڻان،
مرڻ جيئڻ ۾ جوت اسان جي، سرمستن جي ساک جڻان.

جڏهن به سچ ۽ سونهن پڪاريو اسان جلال ۾ آيا سي،
جنم جنم ۾ جوڳـــي بڻجي، جهنگ سيـــال ۾ آياسي.

اسان اهي منصور ميان، جـــي سوريءَ لاءِ سهاڳ ٻڌيا،
ڪوڙ گهٽا ڪهرام ڪيا تہ بہ سچ جو نيٺ سهاڳ ٻڌيا.

دنيا ساڳي پٿر دل، جنهن پريا نگر بربـــاد ڪيا،
اسان اهـــي ئي ديوانا، جـــن ويرانا آبـــاد ڪيا.

فرزانن مان فيض نہ ڪنهن کي، هرڪو پنهنجي مستيءَ ۾،
ديوانا ڪيئن دل وندارائن، بيگانن جي بستيءَ ۾.

دوست اسان جي ديس ۾ آيو، بيجل جئن بهروپ وٺي،
اسان انهي لئہ ڪنڌ ڪپايو، راءِ ڏياچ جو روپ وٺي.

درد اسان جي در تي آيو، سئن هنيائين گداگر ٿي،
اسان انهي کي ڏئي ڇڏيو سي دل جو دان تونگر ٿي.

حسن اسان جي حضور ۾ آيو سهڻيءَ وانگر سير چڙهي،
اسان اتانهان ٽياسي ائين جڻ چانڊوڪيءَ تي وير چڙهي.

عشق اسان جي اڱڻ تي آيو ڪاريهر جئن ڪاه ڪري،
اسان انهيءَ لئہ پاڻ وڇايو، چانڊوڪيءَ جئن چاهہ ڪري.

Marfat.com

وقت اسان جي وات ۾ آيو، ڏونگر جهڙا ڏانو ڪري،
اسان انهيءَ تان اڪري وياسين، ڪڪرن وانگي ڇانو ڪري.

ماڻهو اسان جي مڙهيءَ ۾ آيا، رب ڪريت جي ڪٿا ڪٿي،
اسان قلندر وانگ ڇڏياسي، ترم ڪرم جا ڪتا ڪٿي.

عشق ۾ ڪيئي چڪر آهن، صرف ته سر جو صرفو ناهه،
يار 'نياز' تو ڇاٿي سمجهيو، عشق ڪرڻ ڪو چرهو ناهه.

---

"جو جيئري نٿو مري، تنهن جو موت اجايو آهي." - سلطان الاولياء

Marfat.com

شمشير الحيدري
(ڪراچي)

# ڪر ڳالهه اندر جي عام

ڇڏ خيال خوديءَ جو خام، دوئيءَ جو دام،
پري پي جام محبت وارو.
وٺ الفت جو انعام، اهو انجام.
پري پي جام محبت وارو.
هيءَ دنيا دام خيالي آ،
پلپل جي چال نرالي آ،
هڪ من جي موج مثالي آ:
دل مستو مست مدام، صبح ۽ شام.
پري پي جام محبت وارو.
ڇا رنگيءَ رنگ رچايو آ،
ڪثرت جو باغ بڻايو آ،
سڀ صورت پاڻ سمايو آ،
حق اناالحق ڪلام، اچي الزام.
پري پي جام محبت وارو.
محبوب لڪائي اندر ۾،
ڇو ڳولين مسجد مندر ۾،
جم وات وڃائي وندر ۾،
ڪٿ ڪفر ڪٿي اسلام، گهٽيءَ ۽ گام.
پري پي جام محبت وارو.

Marfat.com

هن بيگانن جي بستيءَ ۾،
رهه حاضر پنهنجي هستيءَ ۾،
من مست مگن ٿي مستيءَ ۾،
ٿي پنهنجو پاڻ امام، عجب آرام-

پري پي جام محبت وارو.

ڪو عاشق مست فقير چوي،
ڪو ملحد ۽ بي پير چوي،
ڪو شاعر يا شمشير چوي،
ڪر ڳالهه اندر جي عام، پلي بدنام-

پري پي جام محبت وارو.

---

"روح کي ڪا خاص صورت نه آهي، بلڪ سڀ صورتون اٿس
جنهن ۾ وڻيس، تنهن ۾ ظاهر ٿئي."
- سلطان الاولياء

Marfat.com

جل "بيوس"
(ڪراچي)

## قطعا

(١)

جنهن وقت گهرايو تہ هليا ايندا سين،
محفل کي مچايو تہ هليا ايندا سين؛
هي ميڙ خوشين جا تہ سوين بار ڏسون ٿا،
سوريءَ تي سڏايو تہ هليا ايندا سين.

(٢)

جنهن وقت جليو طور، هليا آياسين،
صدين جو ڪٽي سور، هليا آياسين.
سهڻن جي سلاميءَ لئہ پري جهول گلن جا،
جنهن وقت پيو پور، هليا آياسين.

(٣)

اسان وقت جا وير، منصور، ميان!
ڪيئي بار مرندا ۽ جيئندا رهون ٿا،
رڳو هڪ پيالو هو سقراط پيتو،
اسان جام تي جام پيئندا رهون ٿا.

Marfat.com

# نظم

نہ صاحب سڏايان، نہ سلطان آهيان،
مان آهيان نہ آهيان تي حيران آهيان.

ڪڏهن رب ارنيءَ جون مرليون وڄايان،
ڪڏهن لن ترانيءَ جا هوڪا هلايان،
ڪڏهن راز برزق جا سڀ ڪي سڻايان،
ڪڏهن پاڻ تي خود پشيمان آهيان:
مان آهيان نہ آهيان تي حيران آهيان.

ڪڏهن ذوق وارن ۾ ذاتي صفاتي،
ڪڏهن آهيان بيوس، ڪڏهن بي ثباتي،
ڪڏهن پاڪ پوتر، ڪڏهن خوب خاطي،
ڪڏهن سونهن وارن جو سلطان آهيان:
مان آهيان نہ آهيان تي حيران آهيان.

نہ خادم سڏايان، نہ مخدوم آهيان،
نہ صاحب سخا جو نہ مان شوم آهيان،
نہ حاڪم هميشه نہ محڪوم آهيان،
مان آدم ڪان اڳ وارو انسان آهيان:
مان آهيان نہ آهيان تي حيران آهيان.

ڪڏهن اسم جسمي، ڪڏهن سر سبحاني،
ڪڏهن بيڪ بشري، ڪڏهن فڪر فاني،
ڪڏهن پاڻ قابو، ڪڏهن لا مڪاني،
ڪڏهن آهيان گوتم، ڪڏهن گيان آهيان:
مان آهيان نہ آهيان تي حيران آهيان.

Marfat.com

ڪڏهن پيو صليبن سان مقتل سجايان،
ڪڏهن ملڪ آدم جي آڏو جهڪايان،
ڪڏهن حڪم هيبت جا هرهر هلايان،
ڪڏهن ڏس نه مان دار جو شان آهيان:
مان آهيان نه آهيان تي حيران آهيان.

نه ظاهر نه باطن، نڪا خام خيالي،
نه حاجت هئڻ جي نڪا لا دوالي،
نه چارڻ چوايان نه ڪو سر سوالي،
مان پنهنجي ئي هستيءَ تي حيران آهيان:
مان آهيان نه آهيان تي حيران آهيان.

نه مومن نه ملحد، نه ملان نه قاضي،
نه نيڪان نمازون، نه حاجي حجازي،
نه ساڌو سڏايان نه گرمک نه غازي،
نڪي آهيان عاقل، نه نادان آهيان:
مان آهيان نه آهيان تي حيران آهيان.

ڪڏهن فرق ويدن جا واري ورايان،
ڪڏهن پاڻ پوٿيون پڙهان ۽ پڙهايان،
ڪڏهن غرض گيتا صبح شام آهيان،
ڪڏهن ڏس نه ناطق مان قرآن آهيان:
مان آهيان نه آهيان تي حيران آهيان.

عدم ملڪ جو تو مان ساڪن سڏايان،
ڇڏي شان شاهي، لڱين ڏوڙ لايان،
ڍڪيان ويس خاڪي، جٺيا جسم پايان،
گهڙي پلڪ لئه هت مان مهمان آهيان:
مان آهيان نه آهيان تي حيران آهيان.

Marfat.com

"ناشاد"
(حيدرآباد)

## قطعو

وحدت ڪثرت هڪ ڪوئي، ڇا جو وهم گمان،
اندر ٻاهر، ظاهر باطن، ساڳيو سڀ سبحان،
سوريءَ تي سئو ڀيرا چيوسين، اناالحق اعلان
شهر لواري سارو سچ آ، پنهنجو آ ايمان.

## واڏي

مارو! ٿي م ملور

جاڻ اچي پهتي چوماسي.
اڄڪو آڻ ڪانگ آگم ايندو، آس م لاهج مور،
وس وري پو بس نه ٿيندي، مينهن پرين جا پور،
وار وڇائڻ، وڪڙ واسڻ، دلبر جو دستور،
واريءَ تي وسڪارا ٿيندا، پٽ پٽ تي پرپور،
تنهنجي دڙن جي ديس جا سارا ڏکڙا ٿيندا دور،
منهنجو ملڪ ملير ميان! پر آهيان هيت مجبور.

Marfat.com

# نظم

(نذر عقيدت حضرت سلطان الاولياء)

تون تہ سراپا دريا سائين،
منهنجو من آ صحرا سائين!

ڪاش سي بنجن ماڻيا سائين،
منهنجا سارا سپنا سائين!

جنهن کي هيڪر جيءَ چيوسين،
تنهن سان کهڙا ليکا سائين!

خوشبو سان سڀ تر بر واسيو،
موتيا سائين! مگرا سائين!

پر ڏيهين جي پريت اجائي،
پنهنجا پونگا ويڙهـا سائين!

ملڪ سچو منصـور بڻيو آ،
کهڙا کهڙا کهبا سائين؟

نانگن کي تو نينهن نچائي،
لڳندا رهندا نعرا سائين.

ڏينهو ڪيئي ڏنگ هڻن ٿا،
تون ئي پنهنجو مداوا سائين!

ساحل تي ئي ٻيڙي پهچندي،
ڇا جون لهرون لوڏا سائين!

ڏاريا آخر ڏاريا آهن،
پنهنجا آخر پنهنجا سائين!

نيٺ تہ مومل ماڻي رهندا،
ڪاڪ ڪنڌيءَ تي راتا سائين!

Marfat.com

سنڌڙي ساري سون ٿي ويئي،
پارس جهڙا پيارا سائين!
تنهنجي در تي آخر ڳڌجن،
سنڌ سڄيءَ جا رستا سائين!
ڪيئي پير فقير ڏسون پيا،
جن جا ظاهر جلوا سائين؛
ڪج ڪوڏين جي ڪٿ به ڪهڙي،
موتي سائين! هيرا سائين!
تنهنجي در تي دان پيئم جو،
ماڻهو ڏين ٿا مهڻا سائين!
لوڪ پلي پيو روڪي ٽوڪي،
توسان روح جا رشتا سائين!
تنهنجي نور حضور جي آڏو،
منهنجا نيڻ نماڻا سائين!
منهنجي عقيدت جا ٿيا شاهد،
اکڙين جا هي ڳوڙها سائين!
سنڌڙيءَ تي آ تنهنجي رحمت،
ڪهڙا وقتي آلڪا سائين!
تنهنجي عظمت تي ٿم نڇاور،
منهنجا گيت سمورا سائين!

(هي نظم، جشن سلطان الاولياء ميرپورخاص ٨- ڊسمبر ١٩٧٤ع تي پڙهيو ويو).

Marfat.com

سيد "منظور" نقوي
حيدرآباد

# سلطان الاولياء

آيريو جڏهن کان مهرِ درخشانِ اولياء،
پر نور ٿي ويو چمنستانِ اولياء.

سرهو آهو مکان، جتي آستان ٿئي،
الله کيو بلند آهي شانِ اولياء،

شاهن کان بي نياز، زماني کان بي خبر،
لاخوف جو مکان آهي شانِ اولياء.

سو سربلند آهي ۽ سرخرو آهي،
دل سان جهلي تو جيڪو به دامانِ اولياء.

بيشڪ فيوض ولطف جا چشما آهن اِهي،
سلطانِ اولياء، درِ سلطانِ اولياء.

—=

"انسان قائم آهي خيال تي، خيال گم ٿيو ته انسان به گم ٿي ويندو."
سلطان الاولياء

Marfat.com

"نقاش"
(لواري شريف)

# سلطان الاولياء جي حضور ۾

تنهنجي در تي سر جهڪائي، سرخرو ٿي ويا سوين،
ڪرڙ ڪنڊين مان چنبيليون نازبو ٿي ويا سوين.

تو سڄڻ سينا سنواريا، قلب ڪندن تو ڪيا،
هڳ جهڙا هانوَ هڪدم مشڪبو ٿي ويا سوين.

"اوليـاءَ الله لا خـوفٌ عليهم و يحزنـون"،
خوف ۽ غم کان ڇٽي عشاقه ٿي ويا سوين.

"ايلچيءَ کي پڪڙيو، آهي سڪندر اصل ۾،"
قول تنهنجي سان فراري ڪوبڪو ٿي ويا سوين.

"پرت ڇڏ پرڏيهه جي، سائيهه جي ڪر تون سنڀال"،
هن نصيحت سان وطن جا واهرو ٿي ويا سوين.

تنهنجي در تي ڪيئي سالڪ، سؤ گرهوڙي سؤ حمل،
سنڌ جا مخدوم تنهنجا طالبو ٿي ويا سوين.

ڪر نظر "نقاش" تي ڪا مهر جي منهنجا پرين!
قرب تنهنجي سان ڪامل! ڪوبڪو ٿي ويا سوين.

Marfat.com

قاضي خيرمحمد عباسي
(لواري شريف)

# سنڌ جو سينگار

شاهه سلطان الاولياء، سو سنڌ جو سينگار آهه،
عاجزن، عاصي، اٻوجهن جو آجهو آڌار آهه.

نقشبندين جي طريقي جا جيڪي اڳواڻ ٿيا،
تن مڙن جو هي مٺو محمد زمان مختار آهه.

صاف صوفين کي ڏسيو جنهن آ صراط المستقيم،
راز ۽ رمزن جي تنهن اونهي ڪئي اپٽار آهه.

بيت تنهنجو آهي هرهڪ سالڪن جي لئه سبق،
جو پڙهي تنهن کي پروڙي، قلب جو قرار آهه.

قول تنهنجو ڪاملن جي قلب لئه آ ڪسوٽي،
فعل تنهنجا ۽ سوانح، عشق جو اظهار آهه.

ڏس نفي اثبات جون جي شاهه سان ڳالهيون ٿيون،
ڪل ۽ ڪثرت جي نقطي جو آتي شهڪار آهه.

هت تصوف جو خزانو آهي بيحد، بي حساب،
ڪين چوٽائي، نه پاڃي، اڻ ميو انبار آهه.

مجلسي محبوب جا محبوب سي ٿي ڪونجن،
هي ۽ ”گرهوڙي“ گهوٽ جي تو لاءِ ساگفتار آهه.

Marfat.com

'حافظ هدايت الله' ۽ 'قاضي احمد' دم شريف،
پڻ 'ابو طالب' اوهان جو ڪيو ذڪر اذڪار آ.

هي عباسي آهي تنهنجي خاڪ، پيرن جي پٽي،
ڍور چاريندڙ اوهان جي ڳام جو ڳابار آهه.

——

"جڏهن فڪر تمام ٿيندو (قلب جي فنا سان) تڏهن ئي خدا
حاصل ٿيندو." — سلطان الاولياء

Marfat.com

# عقيدت جا گل

ڇا ڪريان تعريف تنهنجي، سلطان اولياء عارفين،
اي دادلا درگاهِ ايزد، اي امام العاشقين.

تو عمل سوره مٿي فاتح ڪيو سائين سچا،
تو گهريو سڀڪجهه انهيءَ رزاق ڪان اي راحمين.

تنهنجا ملفوظات آهن سڀ سچي موتين ڪان مٿي،
جو عمل ان تي ڪندو واصل ٿيندو سان واصلين.

بيت تنهنجا بحر بي پايان آهن، اي پرين!
جي پڙهي ڪوئي ٻه پرجهي، سالڪ ٿئي منجهه سالڪين.

تو لکين لک لعل ڪيا نافع پنهنجيءَ هڪ نظر سان،
تو نوازيا ڪيئي نذر، عاجز هئا منجهه عاجزين.

آهي تنهنجو سلسلو صديق اڪبر سان سچڻ،
تون آهين سائين سچو، صادق يقين منجهه صادقين.

هيءُ اصل "عاجز" اوهان جي در جو گولو آه غلام،
رحم ڪر مون تي مٿا صدقي آن رحمت اللعالمين.

Marfat.com

امان الله فقير
(قمبر)

# پلاري پوني

اڄ اديبن جي اڳيان منهنجو ادب سان آهه سلام،
جن ڏهاڙي خاص ڇوٿينءَ پاڪ جو ڪيو احترام.

هن ڏهاڙي تي اچن ٿا ڪيئي عالم ۽ اديب،
فيض جي درياهه مان ٿا وٺن سي خوشنصيب،
پرت وارا پيا پيئن ٿا پُر پيالا ۽ پيام.

هن مڪان تي خاص شريعت محمديءَ جي پيروي،
دهل دمچر ناهه هت، نا راڳ گانو پيروي،
هت فقط مجدو خدا ڪي ۽ خدا جو پڙهه ڪلام.

هت طريقو ذڪر جو بند خاص قلبي آ ڪثير،
پونءَ پڙڪو نا پوي ۽ نا ٻڌي منڪر نڪير،
ڪوڙ جو هت ڪم نه آ، گهربل سچائي صبح شام.

هت نزاڪت نينهن جي، هت تصوف آ درس،
هت شريعت، معرفت ۽ پڻ طريقت آ سرس،
بزرگن جي بزم ۾ هت ٿو ملي عالي مقام.

عجب ارشادات هت جو دل سدا زنده رهي،
ڪلمهٔ توحيد جو زنده سدا خنده رهي،
امن آ "امان" هت ۽ خير جو آهي ڪلام.

Marfat.com

(بيت)

ميرمحمد پيرزادو
(لاڙڪاڻو ضلعو)

# چمڪيو سچ جو سج

(١)

هتان، هن جاءِ تان، چمڪيو سچ جو سج،
جنهن مان هر ڪنهن کي مليو، بنيءَ آهر ٻج،
نئون نڪورو نج، اڄ به نپجي نينهن تو.

(٢)

ٽڙيو گل گلاب جو، هنڌين ماڳ هڳاءُ،
ولين خوب ولهار ڪيا، واسي ويئون واءُ،
مان آتان ئي ماءُ! سونهي تيس سڄڻ سان.

(٣)

شاهه پڻائي اڄ به چوڙي تو، وحدت ڪثرت ڪل،
هتان ئي اصل، وڪر ملي وصال جو.

(٤)

خوديءَ ساڻ ڪٺي، جنهن پانيو سڀ ڪجهه پاڻ،
مچر معمولي مات ڪيو، ڏاڍن ڏکن ساڻ،
پوءِ به هو مبلغ چئي، خودي سڀ ڪجهه ڄاڻ،
هي تنين جو پاڻ، خودي جتي خاڪ ٿئي.

(٥)

جنهن لئه سچل سر ڏنو، گهاٽي گهايو گهوٽ،
پوءِ به پڻتي پير هڪ، اصل نه ٿيو اٽموٽ،
چڙهي وڃي جو چوٽ، سوڻ تنهن جو مس ٿئي.

Marfat.com

(٦)

هتي سبق سو ملي، جنهن ۾ ماڻهوءَ مان،
پنهي پوءِ ۾ ڪين پئي، آدمي ڪو اڃان،
اڪئين ڏسي سچ کي، مڃي هر انسان،
پاڻ مڃي سلطان، آجا ٿياسون ايذاءَ کان.

(٧)

هيڪڙائيءَ جي هٽ، ايندو آ ڪو سر ڦريو،
مڙس مڙس جو پتو پوي، موڪيءَ واري مٽ،
سر ڏني ساڄن ملي، ايءَ نہ منائي هٽ،
جن ۾ چکي چَٽ، تن قبرون پسون ڪاڪ تي.

(٨)

سخي! تنهنجي سخا منجهان، پنان پنج-ڪٺي،
هتي پهتس، هن هنڌ تي، واحد کي وٺي،
مليم هڪ ڪٺي، ڪائي ڪڙم نہ ڪتندي.

❋❋

"مومن جي نشاني آهي تہ الله کان سواءِ ڪنهن جن بشر کان نہ ڊڄي."
— سلطان الاولياء

Marfat.com

محمد هاشم "خادم" ٽالپر

# سنڌڙيءَ جا سلطان سخي

وانگيئڙن جي وير وطن جا واهر تون ولهار ولي،
سانگيئڙن جا سهڻا سائين، سنڌڙيءَ جا سينگار ولي،
ڪنيا سڀ ڪنهن جا اڄ سينا، قلبن ڪارونڀار ولي،
ايمان تي دز چڙهي، ڪر وحدت جو وسڪار ولي:
موٽ وطن تي گهوٽ سگهو او سنڌڙيءَ جا سلطان سخي.

رات انڌيري، واٽ ڏکيري، ميلي ٿيو مشڪل ماڳ وري،
تنهنجي واٽ نهارن ويٺا، روئي ڳائي راڳ وري،
جن جي من ۾ چڻنگ دکائي، ڀيڙ ڀڙڪي آڳ وري،
من جي منشا آهه پرين! ڪا وار وطن تي واڳ وري:
جن دامن جهليو تنهنجو دلبر، تن تي ڪر احسان ولي.

منهنجي ملڪ جو هرڪو ماڻهو، سڏڪن ۾ پيوسڏ ڪري،
ڏکن ڏاريو، ڏاڍن ماريو، تن جو سارو ڏيل ڏري،
جهول پري سو تو در آيو، غم ۾ ڳٽيون ڳڏ ڪري،
تو در آيا ڪيئي ڏکويل، ڏکن سورن مڏ ڀري،
ٽار آنهن تان آيل آفت، پرور جا پروان سخي.

دور آيو ڪو اهڙو سائين، ماڻهو ٿي حيوان ويا،
صورت ساڳي، سيرت بدلي، قلبن مان ايمان ويا،
مولا ساڳيو، مذهب ساڳيو، پر مسلم ٿي شيطان ويا،
چين ويو آهر ڪنهن ڪسجي، هر هنڌ ٿي ارمان ويا،
ڪرم ڪريوهن "خادم" تي اي شاهم شه خوبان سخي.

❋

الله بخش "اداسي"

# عشق ڪمائڻ، احد کي پائڻ

سنڌڙي! توتي ساه ڏيان ۽ گهوريان پنهنجي جان الا،
جنهن ۾ لال لواري وارو، صاحب آ سلطان الا.

پون پلاري، پاڳن واري، لواري لالڻ واري آ،
آن متيءَ جي ملهه تان گهوريان موتي ۽ مرجان الا.

محبت جن جو مذهب تيڙو، پيچ پرينءَ سان جنهن کي پيڙو،
تن جو ورد وصال تي وڙو، عشق تنين ايمان الا.

هي پي سي ئي مست ٿيا، جنهن مي پيتي محبوب هٿان،
تن جو پنڌ پراهون، جنهن کي پرينءَ ڏنو پيمان الا.

سي ئي اگهيا احد اڳيان، جن احد سان اونها عهد ڪيا،
ڏينهن ڏکن ۾ رات جو روئن، هون سدا حيران الا.

عشق جي اونهي ڳالهه الائڻ، عشق ڪمائڻ احد کي پائڻ،
ڳالهه تہ آهي سوکي ساهڻ، اوکو آ آهجاڻ الا.

عشق "آداسي" جو آن سان، عشق سان جنهنجو عشق هجي،
جن جي سيني ۾ سربستو سورن جو سامان الا.

❀❀

Marfat.com

مولوي عبدالڪريم "عبد" سيتائي

# نظم

شهنشه سلطان الاولياءِ، سيدنا محمد زمان،
صديق اڪبر جي صلب کان، اصل ماڻڪ ٿيو عيان.

هئا الاهي امر سان بر مسندِ محمد ڪريم،
ظاهري مسڪن سندن آ پاڪ لواري جو مڪان.

دست بيعت خواجهٔ ابوالمساڪين کان ٿيل،
جي ته ٿئي ننگر جا سائين سڄڻ هئا ساڪنان.

ابوالمساڪين سندن جي ذاهي جتي هئي دعا گهري،
تنهن جي مڃاڻين جي ڪري مولا ٿيم ٿئي مهربان.

هي عجب، مطلوب تو ذاهي جتي طالب سندي،
عقل هت نا ڪري، هي راز ڄاڻن رازدان.

مطلوب کان مطلوب ٿيو، مطلوب جو مطلوب ٿيو،
هي امانت احمديءَ جو آه عالي عز و شان.

هن بشارت سان مبشر ٿيل ٿيا مرشد وڏان،
پئي به پئي آباد رهندو، تاقيامت جاودان

Marfat.com

پيءُ پويان پٽ رکندو قدم تنهن جي جاءِ تي،
با امانت امر ربيءَ سان بيشڪ بي گمان.

پيءُ سلطان‌اولياء، وري پٽ سلطان‌اولياء،
هن خصوصيت ۾ نه مٽ ڪائي خلافت خاندان.

جبل ڏونگر سڀ فنا ٿي وڃن ارض و آسمان،
ڪاملن جو قول ڪڏهين نا ٿئي ضايع زيان.

جئن بشارت مرشدن سلطان‌اولياء ڪئي ڏني،
تئن آهو آباد آهي گلن سان هي گلستان.

آه فرمايو امام‌الاولياء محمد سعيد
"گل بود ز آب و لطافت زيب ديهيم شهان."

سلطان اولياء ڪان وٺي تا وقت هن آخر زمان،
سلطان اولياء پاڻ خود هلندا آيا ٿي حڪمران.

فيض جا درياهه پلٽيائون مٿي هرهنڌ سنڌ،
يڪ نظر سان منتهي ٿيا بي حساب و بيڪران.

ڪئين ڪروڙين طلب سان ڪامل ڪهي ايندا هئا،
ديدار ئي دلدار وٽ، در پاڪ تي دائم دوان.

سلطان اولياء جا خليفا چار خاصا خاص تر،
جي ته حضرت جن مٿان قربان دائم دل بجان.

هڪ هدايت الله حافظ وه ولي الله هئو،
فيض فائق ڪان وٺي ٿيو بزرگ بر بزرگان.

ٻيو ابوطالب خليفو جو رڄي ويو رنگ ۾،
هڪ توجهه سان لنگهي ويو عرش ڪرسي آسمان.

ٽيون گرهوڙ ۾ خليفو خاص ميان عبدالرحيم.
جو خدائي گجهن رازن جو ته طالب ترجمان.

غيرت اسلام کان جنهن بت مڙهيون مندر ڀڳا،
جنهن تہ دد ڳرکي دسي، بيمان کي کيو بي نشان.

هو پيارو پرينءَ جو چوٿون خليفو خاص هي،
اسم صالح جسم صالح، ڏٺيءَ ڏي جنهن جو ڏيان.

پيا بہ ڪئين طالب مقرب هئا منهنجي محبوب جا،
چند نالا درج داخل ٿو کيان در داستان.

خواجهء عيسيٰ فنا في الله تي ويلو فيض سان،
بر بيابان دشت ۾ جنهن جا اکيلا آستان.

ٽيو سدا توريہ عليہ الرحمة رباني راهہ سان،
سو بہ سلطان اولياء جي خادمن مان خادمان.

قاضي احمد دمائي سلسلي پنهنجي سميت،
سلطان اولياء وٽ ٿيا ناچيز نوکر ناتوان.

سر بسجده ٿي کيون دانهون دمائيءَ در مٿي،
پاک لواريءَ مان پني حاصل کيائون شان مان.

امن ايمان لئہ دمائي سخيءَ جي در تي پيل،
گنج سلطاني منجهان ٿيا تاقيامت جاودان.

سلطان اولياء کي دمائي سڀ ڪٺايا بارڙا،
اول پنهنجا پوءِ پنهنجن پوئلڳن جي پٺي روان.

خاک پيرن سخي سلطان جا دمائي دم جا،
اڳين پويــن پوئلڳن ننگپال ننگي نگهبان.

Marfat.com

ڇا ثنا ساره ڪريان دربار لواري پاڪ جي،
نا ڪري سگهندي ادا مون زار ذاڪر جي زبان.

يا محمدالزمان پنهنجو عطا ايمان ڪر،
شل هجي سلطان اولياء ياد در قلب و لسان.

يا سخي سلطان اولياء "عبد" تي اڄ ڪر عطا،
ظاهر و باطن نوازي، مهر ڪر بر مفلسان.

ٿو مبارڪباد ڏيان مان هر عقيدتمند کي،
شوق مان شامل ٿيا منجهه شاهنشاهي شادمان.

---

"جڏهن خدا ساڻ آهي، تڏهن جيڏانهن وڃئي، تيڏانهن وڃ
- سلطان الاولياء

Marfat.com

شاهنواز "شائق" بدينوي

# سلطان الاولياء

مرحبا، لک مرحبا، مختار سلطان الاولياء،
رڻ راهه ۾ تيو رهنما، دلدار سلطان الاولياء.

بيکسن جو پر جهلو، محبت منجهان تن کي ملو،
باري بنايو سو پلو، سردار سلطان الاولياء.

لال لواري جو ڏٺي، بيشک خدا کيڙو کٿي،
بيزار ٿيس تنهن جي پٺي، آذار سلطان الاولياء.

مرشد منهنجو ماکيان مٺو، شفقت سندس هردم وڏو،
سرس سونهارو سٺو، سرکار سلطان الاولياء.

خيرات خاصي جت ملي، دامن سون تنهن جي جهلي،
مهر کندو مرشد ولي، مهندار سلطان الاولياء.

کونه ڇڏي خالي هٿن، لک سوالي پل هجن،
مڙني مرادون سڀ پڄن، منثار سلطان الاولياء.

شائق آيو شوقئون هلي، کر کرم کوهيارا ولي،
چانئش چمان بهتر ڀلي، نروار سلطان الاولياء.

❀❀

Marfat.com

پروفیسر فیاض "کاوش"

# منقبت

یا خواجہ محمد زمان ساقی، میخانہ ترا ہے عرفانی،
خالی ہے مرے دل کا ساغر، بھردیجئے شراب نورانی۔

یا صدیقی، یا ربانی، ثانیٔ مجدد الف ثانی،
دربار ترا ہے لاثانی، سرکار تری ہے لافانی۔

محبوب خدا کے جانی ہو، تم مشکلکشائے ثانی ہو،
فرصت ہو اگر تو سن لیجئے، روداد مری ہے طولانی۔

ولیوں کے آنکھوں کے تارے، ہیں آپ مجدد کے پیارے،
محبوب خدا کے دلبر ہو، صدیق اکبر کے جانی۔

ہیں آپ سخی اور ابن سخی، ہیں آپ غنی اور ابن غنی،
میں بے زر ہوں میں بے پر ہوں، پر آپ ہیں پیر لاثانی۔

روضہ پہ خواجہ و سلطان کے رحمت کی گھٹائیں چھائی ہیں،
انوار حرم کی بارش ہے اور جلووں کی ہے طغیانی۔

تم آج کے دن نوشاہ بنے اور سارے ولی ہیں باراتی،
ہم سب ہیں گدا جو اس در کے لوٹیں گے نچھاور نورانی۔

کاوش ہے تمہارے گن گاتا، دامن نہ رہے خالی داتا،
صدیق کے صدقہ میں آقا جوگی کو بنادیجئے گیانی۔

Marfat.com

# مقالا

Marfat.com

Marfat.com

سيد نجف علي شاه
"ڪمتر" نقوي.

# مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي

جناب صدر ۽ معزز سامعين حضرات! اڄ اسين سنڌ جي هڪ عظيم صوفي بزرگ، عارف ۽ قابل صد احترام هستي حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان سائين قدس سره جن جي متبرڪ ۽ پاڪ آستان تي، سندن خدمت ۾ هديهءِ تبريڪ ۽ خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا آهيون، تنهن ڪري مناسب آهي ته هن محبت پريءَ مجلس ۾ تصوف جي باري ۾ ڪجهه گفتگو ڪجي. عالم حضرات کان اها ڳالهه پوشيده نه آهي ته، اسلام دين آهي ۽ تصوف هڪ مسلڪ آهي، جيڪو دين جي حدن اندر رهي، پنهنجي لاءِ اختيار ڪري سگهجي ٿو. اهو ياد رکڻ گهرجي ته تصوف نظرياتي نه پر هڪ عملي مسلڪ آهي. تصوف ۾ عمل تي وڌيڪ زور ڏنو ٿو وڃي. تصوف ۾ بي انتها مشقتون ۽ سخت رياضتون ڪرڻيون پيون پون. تصوف ۾ راتين جون راتيون اوجاڳا ڪري، ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ٿو رهڻو پوي. تصوف ۾ ڏها ۽ چاليها ڪڍي، پنهنجي نفس کي اڃ ۽ بک جا تسيا ڏئي ماري مڃائڻو ٿو پوي. تصوف ۾، ڪنهن منزل تي پهچڻ لاءِ اڃ، بک ۽ اوجاڳي کي وڏي اهميت ڏني تي وڃي. اهڙن مشڪل مرحلن کان گذرڻ کان پوءِ ئي طالب پنهنجي نفس ۽ نفساني خواهشن جي نفي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو. ظاهر آهي ته جڏهن طالب نفيءَ جي منزل تي رسندو ته ان کان پوءِ ئي هو اثبات جي ميوي کي چکڻ جي سعادت حاصل ڪري سگهندو.

Marfat.com

شاه صاحب کي مخاطب ٿي فرمايو ته:-

ڪين آهين، ڪين ٿي، وڃي ڪين ڪماءِ.

عام ماڻهو ته اهو شعر پڙهي، ان جي سطحي معنيٰ ڪري خوش ٿيو وڃي. پر سالڪ لاءِ انهي سڄي بيت جو صرف هڪڙو اکر "ڪين" به وڏيون معنائون ۽ وڏا مطلب ٿو رکي. هن محفل ۾ وقت جي ايتري گنجائش ڪانه آهي جو آءٌ انهي هڪڙي لفظ جي مڪمل تشريح ڪري سگهان، پر تنهن هوندي به آءٌ پنهنجي اصل موضوع ڏانهن سوٽندي مختصراً ايترو عرض ڪندس ته لفظ "ڪين" جي معنيٰ آهي "نفي". جيڪڏهن طالب کي اخلاق جي ڪا منزل طئه ڪرڻي هوندي ته پوءِ ان کي پهرين، انهيءَ منزل جي دشمن، روحاني بيماريءَ کي نفي ڪرڻو پوندو، تنهن کان پوءِ ئي سالڪ اخلاق جي گهربل منزل کي اثبات ڪري سگهندو. مثال طور اخلاق جي هڪڙي منزل آهي "سخاوت"، پر سخاوت کي اثبات ڪرڻ کان اڳ ۾ بخل ۽ ڪنجوسيءَ جي "ڪين" ضرور ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن طالب جي طبيعت ۾ ڪنجوسيءَ جو ذرو به رهجي ويندو ته پوءِ هو سخاوت جي منزل ڪنهن به صورت ۾ حاصل ڪري ڪونه سگهندو. ساڳيءَ طرح تڪبر ۽ غرور جي "ڪين" ڪبي، تڏهن ئي نهٺائي ۽ نماڻائي نصيب ٿي سگهندي. ڪوبه طالب بهادريءَ جي منزل تي تڏهن رسندو. جڏهن بزدليءَ جي "ڪين" ڪندو.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته طالب جي انهن روحاني مرضن جي تشخيص ۽ علاج ڪير ڪري؟ جيڪڏهن ڪو طالب علم سوالن جو پرچو پاڻ حل ڪري ۽ پوءِ اها ڪاپي ڪيس ئي جاچڻ ۽ مارڪن لڳائڻ لاءِ ڏني ويندي ته پوءِ اهو يقين آهي ته هو جيڪو فيصلو ڪندو سو گهڻي ڀاڱي غلط هوندو. تنهن ڪري عام دستور اهو آهي ته اها حل ٿيل ڪاپي ڪنهن ٻئي ممتحن کي ڏني ويندي آهي ۽ هو چڪاس ڪري سڀ غلطيون ڪڍي ٻاهر ڪندو ۽ ان مناسبت سان مارڪون ڏيندو.

Marfat.com

رتبت صلي الله عليه و آله وسلم جن جا چاليھ صحابي، حضور جن جي زندگيءَ ۾ ئي، لوڪ جا لاڳاپا لاهي، اچي مسجد نبويءَ جي صحن ۾ ويھي رهيا ۽ الاهي عبادت ۽ ذڪر ۽ فڪر کان سواءِ، دنيا جي ٻين سڀني مشغلن کي ترڪ ڪري ڇڏيائون. جيڪڏهن "لارهبانيت في الاسلام" (اسلام ۾ رهبانيت ڪانه ٿيندي آهي) تي ايترو زور ڏنل هجي ها ته پوءِ حضور جن انهن صحابين کي انهي رهبانيت اختيار ڪرڻ کان منع ڪن ها. ليڪن ان جي برعڪس حضور جن پنهنجي مقتدر اصحاب کي، اصحاب صفه جي سفارش ڪئي ته هنن جي کاڌي پيتي ۽ ڪپڙي گنديءَ جو اوهين خاص خيال رکجو ۽ ٻئي طرف، پنهنجي جگر جي ٽڪرن حضرات حسنين ڪريمن جن کي تاڪيد ڪيو ته اوهين روزانه اصحاب صفه جي صحبت ۾ وڃي ويهندا ڪريو. ياد رهي ته انهن اصحاب صفه ۾ حضرت ابو ذر غفاري ۽ حضرت بلال جهڙا صحابي به شامل هئا.

وقت وقت جون حالتون پنهنجون پنهنجون هونديون آهن. قرون اوليٰ ۾ دنيا کان ٽڳا ٽوڙڻ کان پوءِ مسجد ئي عافيت واري جاءِ هئي، پر موجوده دور ۾ دنيا جون رنگينيون ۽ دلچسپيون ايتري قدر ته وڌي ويون آهن جو سواءِ جهنگ منهن ڪرڻ يا جبل جهاڳڻ جي ٻيو ڪوبه چارو ڪونه رهيو آهي. هاڻي اوهين وس وارا آهيو، چاهيو ته تارڪ الدنيا صوفين کي راهب سمجھو، چاهيو ته ڪين اصحاب صفه جا پيروي ڪندڙ سمجھو.

جيئن ته منهنجي هن تقرير جو مکيه مقصد، حضرت سلطان الاولياء خواجه محمدزمان قدس سره جن جي فرمايل بيت مان صرف "ڪين" جي لفظ جي مختصر ۽ مجمل تشريح ڪرڻ هو، تنهن ڪري آءٌ پنهنجي هن مقالي جي آخر ۾ سندن بيت سڄو ڪري مقالو ختم ٿو ڪريان.

ڪين آهين، ڪين ٿي، وڃي ڪين ڪماءِ،
لاڳاپا هن لوڪ جا، لا سين سڀ لهراءِ،
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.

* *

Marfat.com

قدس سره جن جا اهي مڙيئي اقوال اصل سنڌي ٻوليءَ ۾ هئا، پر پوءِ شيخ عبدالرحيم رح انهن کي عربي زبان ۾ آندو هن عذر سان تہ "ولا باس باختلاف اللسان في اتحاد البيان." (زبان جي اختلاف ۾ ڪا حرڪت ڪانهي، جڏهن تہ بيان ساڳيو ئي آهي.)

ليڪن جيئن تہ اها شرح عالمانہ عربي زبان ۾ هئي، جنهن ڪري سمجهڻ ٻهرحال ٽورا هئا، تنهن ڪري مريدن جي اسرار تي، لواري شريف جي ٻئي نمبر سجاده نشين ۽ حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان قدس سره جن جي فرزند ارجمند حضرت محبوب الصمد خواجہ گل محمد قدس سره جن، پنهنجي آخري عمر ۾ "فتح الفضل" ۾ آندل ملفوظات ۽ سندن شرح کي فارسي ٻوليءَ ۾ آڻڻ شروع ڪيو.

ليڪن پاڻ اڃا ٢٤٣ اقوالن جو ترجمو مس پورو ڪيائون تہ سندن هي فاني زندگي اچي پوري ٿي ۽ پاڻ ٢٧ ربيع الاخر سنہ ١٢١٨ هجريءَ ۾ وصال فرمايائون. پاڻ پنهنجي ترجمي جو نالو "الورد المحمدي" رکيو هئائون. ڪائنن پوءِ سندن ڪامل مريد سيد نور علي شاه لڪوي رح باقي رهيل (٢٠٣) اقوالن جو ترجمو "تڪملہ الورد المحمدي" جي نالي سان ڪيو.

حضرت محبوب الصمد جو ترجمو صرف لفظي ترجمو ڪونهي پر شرح تي شرح آهي. جتي جتي، حضرت شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رح اختصار ۽ ڪنايہ کان ڪم ورتو آهي، اتي حضرت محبوب الصمد جن جامع ۽ کولي سمجهاڻي ڏني آهي، جنهن ڪري هڪ مبتدي کي تصوف جي باريڪ ۽ اختلافي نڪتن کي سمجهڻ ۾ بي انتها آساني ٿي پيئي آهي.

سلطان الاولياء حضرت خواجہ محمد زمان قدس سره جن جي ملفوظات جو دريا نهايت اونهو ۽ اگهور آهي. سندن هرهڪ قول معرفت جو موتي آهي، توحيد ۽ سلوڪ جي سڳنڌ سان واسيل آهي. سندن ملفوظات مان ڪجهہ "فتح الفضل" ۽ "الورد المحمدي" مان حضرت شيخ عبدالرحيم گرهوڙي ۽ حضرت خواجہ گل محمد

ٿي هوندي اوترو حجاب، هٽندو ويندو. پوءِ اي طالب! تون صرف پنهنجي مالڪ جي محبت ۾ مستغرق رهه.“ مولانا روم رح فرمايو آهي:

حب تا مطلق نباشد قيد تست
چون شود مطلق دوعالم صيد تست

محبت جيستائين آزاد نه هجي، تيستائين تنهنجي قيد ۾ آهي. جڏهن آزاد ٿي وڃي ته پوءِ ٻئي جهان تنهنجا شڪار آهن. انهي لحاظ سان جڏهين ته الله تعاليٰ جي ذات بي مثل ۽ بي مثال آهي ته ڪيئن ڪنهن شي ۾ مقيد ڪرڻ نه گهرجي، ڇو ته ڪابه اهڙي شئي ڪانهي جا سندس بي مثال ذات جي شايان شان هجي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو: ”ماجعل الله عليكم في الدين من حرج.“ ”الله تعاليٰ دين ۾ ڪو حرج پيدا نه ڪيو آهي.“ شيخ دوپيازه کهڙي نه بهترين ڳالهه چئي آهي ته ”خداوند عالم غارت جو گهر آهي.“ ڇو ته هن جو ظهور گهڻو آهي.

(٣) لا ينتفع عندالنفس الا خير علم لا ماكةالذكر والحضور.

يعني ”موت جي وقت، ذڪر ۽ حضور کان سواءِ ٻيو ڪوبه علم فائدو نٿو ڏي. شيخ صاحب فرمايو ته ذڪر جي معنيٰ جنهن جي طرف شيخ سعدي رح پنهنجي ديوان ۾ اشارو ڪيو آهي:-

مبر انديشه كر در كام نهتگان،
چون در نظر دوست نشيني.

جيڪڏهن ظاهري باطني بلائن جي وچ ۾ هجين ته به نه ڊڄ، ڇو ته تون الله جي حضور ۾ آهين. ڇو ته اهو ”حضور“ ئي آهي جنهن جي ذريعي ٻنهي جهانن جون مرادون ملن ٿيون.

(٤) نفي كن اثبات هر موجود را،
تابـه بيني هستي معبود را.

هر موجود جي اثبات کي نفي ڪر ته پنهنجي معبود جي هستيءَ کي ڏسي سگهين.

Marfat.com

اسان اسلام ۽ ڪفر جي چشمي مان فيض ۽ هدايت جو
ئي پي رهيا آهيون. اسلام ۽ ڪفر جي موج جيڪا هنن کي
ڪائيندڙ آهي، تنهن کي ڏسي رهيا آهيون.

غرض ته اسلام ۽ ڪفر جي طريقت خدا ڪان آهي، خدا
ان آهي ۽ خدا ذاتهن آهي.

—

”جڏهن خاڪ جي وصف کي پهچندين، تڏهن پاڻ ته
سير ۽ سلوڪ پورو ٿيو.“

— سلطان الاولياء

Marfat.com

الهجڙيو "عاجز"

# جي ماسو جڙيئي مال....

(خواجه محمدزمان قدس سره العزيز لواري شريف جي ابيا
مان اقتباس عرض رکجي ٿو)

سلطان الاولياء خواجه محمدزمان قدس سره جا سمورا بيت
لعل جواهر کان مٿي آهي. منجهن جي معرفت جا موتي مڙهيا
آهن، تن جو ذکر کرڻ اسان پارن جي عقل و فهم کان بالا
آهي. خواجه محمد زمان قدس سره اها هستي هو، جنهن لاءِ شاعر
جو سرتاج شاهه پٺائي گهوٽ فرمائي ٿو:

"سي مون ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪا؛ ڪري نه سگهان ڳالهڙي."

جيڪي به اولياءَ ڪرام حق جا طالبو آهن، سي سمو
بطفيل (رسول اڪرم صلعم) سردار دوجهان - حق سان ملي هڪ
ٿي ويل آهن. انهن جو هر قول ۽ عمل، امر الاهي کان ٻاهر
آهي. آهي آلامربالمعروف و نهي عن المنڪر واري اصول جي سختي
سان پيروي ڪندڙ آهن ۽ اهي ئي اسوه حسنه جي پوري پور
عڪاسي ڪندڙ آهن.

خدا پاڪ جي پيارن برگزيده هستين ۾ ٻه خاص خوبيو
هونديون آهن.

(١) محبوب حقيقي جي ملڻ لاءِ من ۾ تڙپ رکڻ.
(٢) دنيا و مافيها کان بيزاري ڏيکارڻ ۽ انهن ۾ ڪنهن
به قسم جي طمع نه رکڻ.

Marfat.com

حضرت خواجه محمدزمان قدس سره جن پنهنجي هڪ بيت ۾ فرمائين ٿا.

ڇڏيان هيءُ جهان؛ هو پڻ گهوري گهوريان،
پلڪ پريان سان؛ جي مون سري جيڏيون.

اي ظاهري اکين وارا! ٻڌايو ته انهيءَ محبت کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي محبت ٿيندي آهي؟ اهڙي فراق ديدار کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو فراق آهي! اهڙي محبت سان مجنون، فرهاد ۽ وامق جي محبت ڪٿي ٿي برميچي سگهي! اسين ساري زندگي انهيءَ لاءِ عبادت ڪريون ٿا ته هيءَ دنيا ۽ آخرت سوڇاري ٿئي ۽ آخرت ۾ بهشت جا مزا ماڻيون. اهو به ٺيڪ آهي پر ذرا هن طرف به نگاه ڪريو. ته خواجه صاحب جن فقط هڪ لمحه جي ديدار ايزديءَ خاطر ٻنهي جهانن جي خوشين تان هٿ کڻي ٿو. يار جي ديدار کي هر چيز، هر تمنا ۽ هر سڌ کان سرس سمجهي ٿو.

مَن له المولىٰ فله الكل.

(جنهنکي مولا مليو، تنهنکي گويا سڀ ڪجهه ملي ويو.)

هن دنيا جي هر صورت ۽ هر نظارو ڪاغذي گل وانگر حقيقي لطافت کان خالي آهي. ڀلا ڪاغذي گلن ۾ ڪهڙي خوشبوءِ هوندي؟ هيءُ دنيا وارو حسن ۽ هر ڏيک رُج سمان مصنوعي آهي. ها! انهن نظارن سان فقط اهو فائدو آهي جو اهي نظارا حقيقي حسن جي عڪاسي ڪن ٿا. اصل نه آهن، نقل ضرور آهن. اهي نظارا وحدانيت جي واٽ وٺائين ٿا، پر جي ڪاهيندڙ کي ڪا ڪل هجي! ابوجهل کي به ساڳيون اکيون هيون جهڙيون اصحابن سڀني کي هيون. پوءِ هر هڪ آئينه حق ۾ نظر اچي وڌي، يعني رسول مقبول صلعم کي وجود عنصريءَ ۾ ڏٺائون. ابوجهل اُن آرسيءَ ۾ پنهنجي قلب جي ڪاراڻ ڏسي منحرف ۽ منڪر ٿي ويو، مگر اصحابي سڀورا نورالهدا جي نور کي ڏسي رنگجي رتا ٿي ويا. اهو سڄو دارومدار نيتن تي آهي، جيئن رسول

Marfat.com

پاڻ فرمائين ٿا ته جيڪو ماڻهوءَ کان سري يعني
ماڻهوءَ جو محتاج يا دنوي شين جو گهرجائو آهي، سو حقيقي محب
جو ديدار ڪري نه سگهندو. وري فرمائين ٿا ته هڪ جي
رکي، وري ٻئي ڏي نهارڻ وڏو گناه آهي.

هن راز کي اهي سمجهندا، جيڪي انهن راهن جا راهي آ
سچو پير اهو آهي جنهن 'وت تون هين تون' کان سواءِ
وائي نه آهي. حضرت سلطان الاولياء فرمائي ٿو: هڪ پرينءَ
پيار رک.

"پاڻ ڪٺي پر ۾ ڏاهه، ڪڏهن پهتي ڪانهه؛
تت گذر نه غير جو جت سڄڻ جي ساڃاهه؛
وريو واحد واءُ؛ دوئي سڀ دور ٿي."

يعني نفسياتي سڌون ساڻ ڪٺي الله پاڪ وٽ ڪوبه ڪ
پهچندو. دل کي صاف ڪري پوءِ وڃڻو پوندو. اتي وڃڻو آهي ج
الله پاڪ کان سواءِ ٻئي ڪنهنجو به نالو نشان نه آهي. پوءِ جڏ
انهيءَ منزل يعني مڪان ڇڏي لا مڪان تي پهچبو ته اتي ڪ
دوست جو ديدار ٿيندو ۽ اتي غيرالله جي محبت ڀڄي ويندي. آ
الله پاڪ شال اسان سڀني کي توفيق عطا فرمائي ته ج
اسان ٻنان ڪنهن تعصب ۽ تفرق جي اهڙن اوليائن ڪرامن
صحبت ۾ گذاريون، جيئن هر طويل منزل طئي ڪرڻ ۾ آساني
ٿئي. سڀ اولياءَ الله بزرگ ۽ بالاتر آهن ۽ بيشڪ خو
محمد زمان قدس سره به هڪ بي نظير گوهر آهي.

❀❀

Marfat.com

محمد صديق ملاح "مرهم"

# تانسين تون نہ فقير

حضرت سلطان الاولياء خواجہ پير محمد زمان قدس سره جو مٿيون هڪ بيت فقيري جي فقر ۽ بي تعلقيءَ، رياضت ۽ قربانيءَ جي ڪيفيتن بابت ارشاد ڪيل آهي، اهو اڄ سامعين جي خدمت ۾ عرض رکان ٿو، ڇو تہ اجوڪي مضمون لاءِ هن کان وڌيڪ مونکي ٻيو بهتر مواد ميسر نہ ٿي سگهيو. جيتوڻيڪ خواجہ صاحب جن جي شعر جي چمن ۾ قسمن قسمن جا خوشبوءِ دار گل موجود آهن، جن مان هرهڪ گل جاذبيت، نزاڪت، نفاست ۽ حسن جو نادر نمونو آهي، جن ۾ نشاط و ڪيف جون سرمستيون آهن، بي خودي ۽ مدهوشي جون هوش ربا ڪيفيتون آهن، حسن ۽ دلفريبيءَ جون رنگينيون آهن، عشق ۽ محبت، درد ۽ فراق جون امنگون آهن، سندن ڪلام جي بي ساختگي ۽ رواني، درد جي فراواني ۽ سهل موقعہ جي مناسبت سڀ قاريءَ جي ذهن تي، حواسن تي، جذبات تي ڇانئنجي وڃن ٿا ۽ هڪ قسم جو روحاني ۽ ماورائي احساس، نهايت لطيف انداز ۾ اثرانداز ٿي وڃي ٿو. اهو منڙو ۽ وڻندڙ تاثر ڪافي وقت تائين احساس تي غالب رهي ٿو، اهوئي سٺي شعر جو مقام آهي. ان لاءِ آءٌ تمهيدڪي طويل ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان ۽ نفس مضمون تي اچڻ لاءِ حضرت خواجہ صاحب جو هي شعر:-

تانسين تون نہ فقير، جانسين سانگ سيسيءَ جو،
ماڻهو تن ملير، جن جسو مال مباح ڪيو.

عرض رکان ٿو، هن شعر جي تشريح تہ ڪامل، بزرگ

Marfat.com

سر مستي، حسن جي جهوري ۽ دلربائي، سالڪ جو ايثار ۽ قرباني، تڪليفن، مصيبتن جو اڻ کٽ سلسلو موجود آهي، مگر پوءِ تشنہ لبي موجود رهي ٿي. ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جا سر يمن ڪلياڻ ۾ هيٺيان ٻه بيت شعوري يا لاشعوري طور متين حقيقت جي تشريح طور پيش ڪجن ٿا.

جي اٿئي سڌ سرڪ جي، ته وڃُ ڪلاڙڪي گھرِ،
وڍڻ چيرڻ، چچرڻ، پهت انين جي پرِ،
جي وڃي پوئي ور، ته سوڪي آهي سيڪ ڇڏي.

---

اڳيان اڏن وٽ، پوين سر سنباهيا،
متا مهاين جاءِ پيا نہ ڏسين، پٽ،
ڪلاڙڪي هٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وهي.

عجيب سمان آهي، دلفريب نظارو آهي، عشق جا ڪنيل پيرا پيرا ٿي رهيا آهن، ڪلاڙ يعني مرشد ڪامل ڪين عشق جي ڀٺيءَ ۾ جلائي صيقل ڪري رهيا آهن، جت رڳو وڍ ٽڪ لڳي پئي آهي، هڪڙن جا سر اڏي تي پيا آهن، ٻيا انهن جي واري جو انتظار ڪري رهيا آهن. مگر زبان تي آهہ نہ آهي، لب تي شڪوو نہ آهي، اها حسرت آهي تہ ڦهريائين منهنجو سر قلم ٿئي تہ ڦهريائين مون کي وصال محبوب نصيب ٿئي! ڪهڙا نہ خوش بخت هوندا اهي عاشق صادق، جن وه جون وڃيون محبوب جي هٿان نوش ڪيون هونديون ۽ سر ڏيئي سرخرو ٿي حاصل ڪئي هوندي.

شاه ڀٽائي اڳيئي اهڙن صادق عاشقن لاءِ،

"ڏه منصور هزار کهي کهندين ڪيترا."

ڇئي ڇڏيو آهي. جنون ۽ سر مستيءَ جو نشو به عجيب نشو آهي. اهو خمار دنيا جي سڀني خمارن کان اتم ۽ اعليٰ آهي. رضائي دوست وصال دوست لاءِ زماني جي هر نعمت کي ٺڪرائڻو آهي. ديدار ئي سالڪ لاءِ معراج جو مقام آهي. جنت جون آسائشون ۽ دوزخ جا ڏڙڪا سالڪ کي انهن شين لاءِ متوجهه نٿا ڪري سگهن. انهن جي عيد يار جو ديدار آهي. انهي ڪري حضرت خواجه صاحب پنهنجي هڪ ٻئي بيت ۾ فرمايو آهي.

عارف ۽ عشاق، پسڻ گهرن پرين جو،
جنت جا مشتاق، اچا اورانها ٿيا.

هي طلب صادق جو مسئلو آهي، هي عاشق صادق جي صفت آهي، جي دنيا ۽ عقبيٰ کان، رنج ۽ غم کان، فنا ۽ بقا کان، هجر ۽ وصال کان بي نياز آهن. انهن جو مقصد صرف رضائي دوست آهي ۽ انهي ۾ مستغرق ٿي وڃڻ آهي. انهي ڪيفيت کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر تڪليف گوارا، هر ستم سهڻو آهي پر پير پوئتي هٽائڻو نه آهي، شاهه لطيف ساڳئي انداز ۾ سر سورٺ ۾ هن طرح چيو آهي:-

تند ڪتارو ڪڏ، ٿيئي پرتا پاڻ ۾
اي ۾ شڪر الحمد، جو مٿو گهريو مڱڻي

مٿي جي قربان ڪرڻ سان وصال دوست ميسر ٿي سگهيو. اگر دوست مٿو نه گهري ها ۽ اهڙي ڪا فرمائش ڪري ها جا ادا نه ٿي سگهي ها ته ڪيتري نه تذليل ۽ توهين ٿئي ها. هي سر مستي ۽ مخموري، مهجوري مدهوشي جون ڪيفيتون آهن، جي صاحب ڪمال محسوس ڪري سگهن ٿا ۽ مرشد ڪامل جي فيض اثر نظر هيٺ جن جي تربيت ٿيل آهي، اهي ئي انهي رحماني فيض کان استفادو حاصل ڪري سگهن ٿا. آخر ۾ آئون سنڌ جي شهيد صوفي شاعر حضرت شاه عنايت شهيد جي هن

Marfat.com

ت تي پنهنجي مقالي کي پورو ڪيان ٿو، جيڪو اهو شعر پڙهي
ڪنڌ قربان ڪري شهيد ٿي ويو:.

سر بر قدم يار فدا شد چه بجا شد،
اين بار گران بود، ادا شد چه بجا شد.

يعني:

سر يار جي قدمن تان قربان ٿيو ته چا ٿيو،
هي ڳرو بار هو سو جي ادا ٿيو ته چا ٿيو.

Marfat.com

محمد سومار شيخ

# عارف جا اهڃاڻ

لواري شريف جو لال، سنڌي ادب جو روشن آفتاب، ولاي
۽ معرفت جو سلطان ۽ سرواڻ، حضرت خواجه محمدزمان قدس س
هن سرزمين سنڌ جو هڪ عظيم عارف آهي.

عارف جي توصيف ۽ تعريف چا آهي، سا اچو ته خود ه
وڏي عارف جي ڪلام وسيلي معلوم ڪريون. پاڻ هڪ عارف ج
جيڪي اهڃاڻ ڏسيا اٿن، تن جو سلسلو هوئڻ ته سنڌن دستيا
بيتن جي مختصر ذخيري هوندي به ڪافي طويل ٿيندو، پر اسي
هتي فقط ڪن اهڃاڻن تي اڪتفا ڪنداسين.

سندن نظر ۾ عارف جو پهريون اهڃاڻ طمع ڪي ترڪ
ڪرڻ، لالچ ڪي ٽوڙڻ ۽ پرينءَ کي پسڻ لاءِ جنت جهڙيءَ نعمت
کي به خاطر ۾ نه آڻڻ آهي.

پاڻ فرمائين ٿا ته:

عارف ۽ عشاق پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جــا مشتاق، اجــا اوراهان ٿيا.

سلطان‌الاوليا جي اڳيان عارف جو ٻيو اهڃاڻ هي آهي ت
هو خداشناس آهي ۽ پاڻ کي به سڃاڻي ٿو ۽ پاڻ خود پنهنجو پا
آرسي آهي:

لواري شريف جو هي عظيم لال فرمائي ٿو ته:

جنين ڏٺو پاڻ، تنين ڏٺو سپرين،
غلط ايءُ گمان، جو عارف پسي آرسي.

عارف جو ٽيون اهڃاڻ خواجه صاحب جن هي ٻڌائين ٿا
جيڪو عارف آهي، اهو آتي جو آتي حق سان وصال ڪريو ٿو چڏي

Marfat.com

زاهدن ۽ عابدن وانگر رکت نٿو ڪري. سلطان الاولياء جن فرمائين ٿا ته:

عابد زاهد اوريان، عارف عين مگن،
هو روادار رکت جا، هي هٿان هٿ گهرن،
ساعت سال چون، پسڻ ڏاران پرينءَ جي.

خواجه صاحب جن عارف جو چوٿون اهڃاڻ اهو ڏين ٿا ته جيڪو عارف نه آهي سو سکن جو طالب آهي پر عارف ڏکن سان هيئون هيرائي ٿو ۽ سورن جو طالبو ٿئي ٿو:

جاهل جنڪ سکن جو، عارف سور سهاءِ،
سورن سندي ساءِ، راحت رسي روح کي.

دنيا جي مشهور عارف حضرت خواجه محمد زمان قدس سره جي انهن اهڃاڻن موجب جيڪو:

- سک جو طالب نه آهي، سو عارف آهي.
- جيڪو پرينءَ جي پسڻ کان سواءِ، ٻيءَ ڪنهن به نعمت کي پسند نٿو ڪري، سو عارف آهي.
- جيڪو پنهنجو پاڻ سڃاڻي ٿو، سو عارف آهي.

اهڙن اهڃاڻن ڏيندڙ دنيا جي وڏي ۽ عظيم عارف کان جيڪي آشنا ۽ واقف آهن، آهي جڻڪر پنهنجو پاڻ کان واقف آهن ۽ جيڪي پنهنجو پاڻ کان واقف آهن، آهي جڻڪر رب پاڪ کان واقف آهن.

جنين ڏنو پاڻ، تنين ڏٺو سپرين،
غلط اي گمان، جو عارف پسي آرسي.

* * *

Marfat.com

محمد هاشم "خادم"

# خواجه محمد زمان قدس سره جي شعر ۾ تصوف

تصوف سڀني صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ موجود آهي، پر خواجه محمد زمان قدس سره تصوف جي جا راه شعرن ۾ ٻڌائي آهي، اهي بي نظير آهي. سندن هڪ هڪ شعر علم جو بحر آهي، فيض جو ڀنڊار آهي، تصوف جو آئينو آهي، روح جي قوت آهي، حق جو جلوو آهي، هيرن جي کاڻ آهي، ڪيترا هيرا ڳولهي ڳولهبا. کهڙي نه ميڻاج سان چون ٿا:

"جنين ڏنو پاڻ، تنين ڏنو سپرين،
غلط اي گمان، عارف پسي آرسي."

سندن هڪ قول آهي، جو به انهي بيت سان ٺهڪندڙ آهي،

"ايلچيءَ کي پڪڙيو- اهوئي سڪندر اٿو."

ٻن سٽن ۾ سچ جي پالوت ڪري ڇڏي اٿن. شاه لطيف رح به ساڳيو خيال هنن لفظن ۾ ڳايو آهي.

"پهي جان پاڻ ۾ ڪير روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا."

اهو منصور وارو نعرو، هر صوفي ورجايو آهي، پر خواجه صاحب جن جي تشريح هن طرح آهي:

صورت- معني وچئي، ڪونهي وچ وڇاء،
هو نه سجاپي- هن ري، هي مور نه موجوداء،
ڪٿي جوهر ڪونجي، ڪٿي عرض به آه،
حقيقت هيڪاء، نالن مٿو ناه ڪو.

Marfat.com

تقريبات ٢٠٦ ساله عرس شريف

۽

سنڌي ادبي ڪانفرنس

جي

تصويري ڪهاڻي

Marfat.com

Marfat.com



مهمان خصوصي مسٽر عبدالله بلوچ، وزير اوقاف سنڌ، پنڊال ۾ داخل ٿي رهيو آهي.
آخوند محمد صالح ۽ حسين دادا ۽ ٻيا ماڻهو گڏ آهن.

Marfat.com



مسٽر عبدالله بلوچ وزير اوقاف سنڌ، آخوند محمد صالح چيئرمن استقباليه ڪميٽي ۽
مير حاجي خدابخش خان ٽالپر افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪري رهيا آهن.

Marfat.com



آخوند محمد صالح، وزير موصوف کي، حضرت سلطان اولياءَ قدس سره جن متعلق جماعت طرفان ڇپايل ڪتابن جو سيٽ تحفي طور ڏيئي رهيو آهي.

Marfat.com



درگاهہ عاليہ جي زيارت کان پوءِ وزير موصوف،
معزز مهمانن سان گڏ.

Marfat.com



روضي جي زيارت کان پوءِ مهمان، قديم قبرستان وٽ
دعا گهري رهيا آهن.

Marfat.com



عرس شريف جي ٢٠٦ سالا تقريبات دوران جماعت طرفان، دستوري نماز ظهر جو هڪ روح پرور منظر.

Marfat.com



سنڌي ادبي ڪانفرنس جي اسٽيج تي مولانا غلام محمد گرامي، مير خدابخش خان
ٽالپر ۽ شعراء ڪرام نظر اچي رهيا آهن.

Marfat.com



ادبي ڪانفرنس ۾ سامعين وڏي توجهه سان مقالا ۽ شعر ٻڌي رهيا آهن. پهرين صف ۾ محترم ڪمتر نقوي، محترم آخوند محمد صالح، محترم ميان فيض محمد نمايان نظر اچي رهيا آهن.

Marfat.com



محترم "ناشاد"



محترم تاجل "بیوس"

Marfat.com



محترم میر محمد پیرزادو



محترم نقاش

Marfat.com



محترم محمد سردار شیخ



محترم محمد ہاشم "خادم" ڈاہر

Marfat.com



محترم عبدالکریم ثاقب



محترم غلام حسین مغل

Marfat.com



محترم مولانا غلام محمد گرامی



محترم شمشیرالحیدری

Marfat.com



محترم نياز همايوني



محترم منظور نقوي

Marfat.com



حکیم غلام محمد شاہد الکوی



محترم محمد ابراہیم مکانی

Marfat.com



محترم الله بخش "اداسي"



محترم قاضي خير محمد عباسي

Marfat.com

Marfat.com

# اسان جا ڇپايل ڪتاب

١– لواريءَ جا لال — ڊاڪٽر گربخشاڻي — ٠٠–٥
٢– مقولات تصوف — مرتب: عبدالڪريم ڏاهر — ٥٠–٢
٣– آئينهٔ اولياء — مرتب: عبدالڪريم ڏاهر — ٥٠–٣
٤– اولياء لواري شريف (اردو)
(لواريءَ جا لال جو ترجمو) — ٠٠–٨

# ڇپائي هيٺ ڪتاب

١– صقائل الضمائر — خواجہ محمد زمان مهاجر مڪي رح
٢– فتح الفضل — شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رح

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

550

# تحفهٔ لواري شريف

حضرت سلطان الاولياء خواجه محمدزمان قدس سره
جن جي ٢٠٦ سالہ عرس شريف جي تقريبات
۽ سنڌي ادبي ڪانفرنس جي ڪارگذاري

[ ٤- ذوالقعد ١٣٩٤ھ - ١٩ نومبر ١٩٧٤ع ]

مرتب :

غلام محمد گراسي

ناشر :

انتظاميه جماعت لواري شريف

سنڌ

Marfat.com